غريبان مار

ليکراج کشنچند "عزيز"

...ریبان مار

مصنف

لیکراج کشنچند "عزیز"

...و پیو]   ١٩٥١ ع   [جلد ١٠٠٠

منڍي

"غريبان مار" هڪ سنڌي ناٽڪ آهي، جنهنڪي ٻيو
و ڇپايو وڃي ٿو. ناٽڪ ۾ سنڌ جي غريب ڪڙم ۽
دارشاهيءَ جو نقشو ڳوٺاڻيءَ بوليءَ ۾ چٽيءَ ظاهر ڪيو
آهي ته جئن زبانيون مڪان ۽ حال موافق لڳن،
و ٽيڪ جزوي جاين تي ناٽڪ جي ضرورت موجب
ورو ڪجهه ڦيرائڻو پيو آهي پر تنهن هوندي به قلم ۾
و فرق نظر نه ايندو، جو نرالو لڳي.

اُميد نه پڙهندڙن کي ناٽڪ مان چڱو مزو ايندو.
نجي ناقص عقل ۾ ههڙا ڪتاب سنڌي زبان کي
ه رڪڻ جو سبب ٿي پون ته عجب ڪونهي.

ليکراج ڪشنچند "عزيز"

Printed by Sobhraj J. Budhwani,
at the "Inqlab" Printing Press, Bazar Chowk,
Sindhu Nagar 3,
and Published by
Shri Lekhraj Kishinchand "Aziz"
Gangaram Mansion, Opp: Babulinath Temple,
Chowpatty, Bombay.

غريبان مار

باب پهريون

پردو پهريون

[ڳوٺ ٻلال]

(ڪڙمي رمضان جو گهر، سندس زال ايما پٽ ۾
ڏوئي وڃي گهمائي ۽ ڌيئس زينب
وڃي ٻاهه تي پاٽڪي ٺهي.)

زينب - ابي اڄ دير ڪئي آهي، شايد رئيس خدا داد خان وٽ ويو تو ڀانئجي.

ايما - صبح جو چيو هئائين ته مان وٽس ويندس. اجهو وريو ڪي وريو. (پريان پتار ڪي گهڙندو ڏسي پتار ڪي) ميان، ملول پيو لڳين! پيو ته خير آهي؟ شايد حاڪم ڪي قياس ڪونه پيو تو ڏسجي.

رمضان - قياس ته قياس جي ماڳ، مورڳو حاڪم

نٽڪار

خدادادخان — هڪ عياشي زميندار

رمضان — خدادادخان جو هاري

عيدوُ — رمضان جو پٽ

چٺو — خدادادخان جو ڪمدار

علي اصغرخان — خدادادخان جو ڏنگي زميندار

محمد — علي اصغرخان جو هاري

واحد ڏنو — علي اصغرخان جو واهي

پيرو ۽ خيرو — عيدوءَ جا دوست

ايما — رمضان جي زال

زينب — رمضان جي ڌيءُ

راسٺي — چٺي جي زال

ازآن سواءِ صوبيدار ۽ سپاهي.

ايما - خدا جي طرفان اهو امر ٿو ڏسجي ته ڪڙمي ٻارهوئي ڏکيا بکيا رهن.

زينب - آبا، پئسا نٿي ڏنائين تہ ڪٽي داڻا ڪڻا گهرينس ها.

رمضان - هائو، جڏهن ڏٺم تہ ڏوڪڙ ڪونہ ڏيندو، تڏهن داڻن لاءِ سڏايو مانس.

ايما - ڇا چيائين؟

رمضان - چيائين تہ ڪي انبار ڪين رکيا اٿم، جو گهمري سان پري پري ويندين.

زينب - ڪهڙو نہ سنگدل چئبو!

رمضان - مون وري همت ٻڌي چيومانس تہ اسانجي توکان ۽ خدا کانسواءِ ٻي ڏي ڪنڌي ڪانهي.

ايما - پوءِ ڇڙ ڇاٽي آيس؟

رمضان - جڏهين ڏٺم تہ نٿو ڏئي، تڏهين چيومانس: "جي اڳو پوءِ اسان مان همت ڪيڏي ڇڏين تہ آسرو الله جو."

ايمان - انهيءَ تان تہ غصي ڪونہ ٿيو؟

رمضان - بس، پوءِ تہ اچي مٿيو. چي: "تنهنجو مال متاع ٿو ضبط ڪريان. تون اهڙو ساماڻو آهين، جو اسانجي ٿو سامهون ٿيين، اُٿ نالائق." مونکي بہ ڊپ لڳو تہ باقي بہ عزت نہ وڃي ڇڏي، سو پاسو ڪري هليو آيس.

زينب - گهر ۾ ان داڻا بہ ٿورا اچي بچيا آهن. جي حاڪم ڪٽي مال ڪاهرائي تہ؟

کڻي ٿي اُٿو، چي: "ھينئر ٿي تو تنھنجو مال ڪاھرايان، تون اَبو آھين پيا ڏوڪڙ وٺڻ. مون وٽ ڪو تنھنجا اَبا ڏاڏا ميراث ڪونہ ڇڏي ويا آھن، جو پيري پيري پيو قرض ڏيندو ساڻءِ."

ايما- پر تو ڇيس ڇا؟

رمضان- مون منٿ ڪئي مانس تہ اسانجا ٻارڙا ٿڌ ۾ پيا مرن؛ اھو گھر ۾ پئسو ڪونھيئون جو رلي ڪٽي سبايون.

زينب- اَبا، پوءِ؟

رمضان- پٽ، پوءِ تہ اڃي حاڪم ڏمربو. چي "اڳيئي قرض گھڻو ڪنيون اٿيئي، ٻيو ڪونہ ڪٽائيندو ساڻءِ."

ايما- ميان، تو ڏوڪڙ ڳچ گھريس.

رمضان- فقط پنجن رپين لاءِ عرض ڪيو مانس. ڏاڍا نياٽين جا پلؤ وڏا مانس تہ سياري سڪائي وڏا آھيون؛ تون اَبو آھين؛ تو ڪانسواءِ ڪير ڏيندو؟

ايما- انھيءَ ۾ تہ حاڪم کي ڇڙ اچڻ جو سبب ئي ڪونہ ھو.

رمضان- سبب ڪھڙو؟ ہہ فصل نہ ٿيا آھن تہ حاڪم ورتو وينو آھي. اسين ڪڙمي سڄو ڏينھن رت ٽا ولوڙيون، تہ بہ پورو اَنگ پيٽ نٿو مليئون. روز ڪاٽيءَ لاءِ ڏلھا ڪٽي ڪندئي جھري پيو آھي، باقي زميندار وٺن ارغيچ اَنبر پھريندا ۽ پٽ پٿيھر چوڙيندا. سندن ڪٽن کي بہ اسان کان سٺيو نڪر تو ملي.

ايما - ڪراڙ ويچاري اڳيئي هيڪاندو ڏنو آهي؛ هنکي ڪي ملڻ جي اميد هجي ته ذري ذري پيو ڏئي. خود اسانجو زميندار، جنهن جو ڪم آهي اسانکي اولاد وانگر سنڀالڻ، سوئي پڙ ڪڍي بيٺو آهي، ته پوءِ ڪراڙ کي ڪهڙو ڏوهه ڏجي؟

عيدو - تڏهين ڇا؟ اسين سڀ پيا مرون، حاڪم به اسانجي مدد نٿو ڪري. چڱو، مونکي به وڏو تيڻ ڏي.

رمضان - ڀلا، وڏو تيندين ته ڇا ڪندين؟

عيدو - خوب ڪات هڻي موجون ماڻيندس. ڏس ته حاڪم وٽ ڪيئن نه پيا طعام رڌجن ۽ ڳانا ٿين!

ايما - ابا، تون ڇوين ڇا پيو! توکي خبر پوي ٿي ته تون گناهه ڪري رهيو آهين؟

عيدو - مون ته گناهه ڪونه ڪيو آهي. منهنجا سيئي سنگتي چون ٿا ته اسين ناميارا چور ٿينداسون. جيل ۾ مڙس وڃندا ۽ ڪات هڻڻ به مردن جو ڪم آهي.

رمضان - پٽ، چوري ڪرڻ يا ڪات هڻڻ وڏو ڏوهه آهي. جيڪو پرائي پائي کائي ٿو، سو قيامت ۾ ڪارو ٿئي ٿو. اهو ڪم مردن جو نه آهي، پر ڪميڻن جو آهي.

عيدو - تڏهين مرد چوريون نه ڪندا آهن ته پيو ڪير ڪندا آهن؟

رمضان - چور ڪميڻا مرد ٿيندا آهن. جيڪي اشراف هوندا آهن، سي نه چوري ڪندا آهن، نه ڪنهنجو برو

رمضان- ته پوءِ ڪير اپ ۽ لسيءَ ڦـڙيءَ لاءِ لاچار ٿي پئبو.

ايما- رب شال دل ۾ چڱي وجهيس!

(ايتري ۾ رمضان جو پٽ عيدوُ ٻاهران ٽڪڙو ڊوڙندو اندر اچي ٿو.)

عيدوُ- اَبا، ڪات لڳو ٿو ڏسجي. **پڳڙي ڪراڙ** جو ته چور جهڳوئي جهٽ ڪري ويا. چڱو ڪيائونس، ڪالهه ڪين اوهانکي ڪٽت ڪٽائڻ کان انڪار ڪيائين؟

ايما- پٽ، تون مس وهياتڙو ٿيو آهين ته اهڙيون ڳالهيون ٿو ڪرين! اهي تنهنجي منهن تي ٺٺيون پون.

عيدوُ- ڪافر مڙو پلو آهي. اسين پيا سڀئي مرون ته پئسا نٿو ڏئي، جو ڪڻي لٽا سبايون.

ايما- پٽ! ڪافر اهو آهي، جو خدا کي نه مڃي يا شرڪ ڪري. تنهن کانسواءِ ڪراڙ جو ڪهڙو ڏوهه، جو اسان اڳيئي وٽانس ڳچ ڪنڌو ڪنيو آهي.

عيدوُ- پوءِ ڀلا ٿورو ڏئي ها ته ڪنهجي ٻوي ها ڇا؟ سود نه وڏائي ٿو ڪائي؛ چور ٻه ڦري ڦالهو ڪري ويا آهنس.

ايما- اسانجو ته ڪجهه چورائي ڪرڻ ويو آهي. تنهن کانسواءِ واڻيو جو سود ٿو کائي ته هاري ٻه ڪو ڪنڌي جا پئسا ڳڻيو پلءِ ڪونه ٿا وجهنس. ڪو ڏور ڏيڱو ڏنو نه ڏي جهڙو ڏيندس، سو ٻه جي ڪي مٿيس ته ٻڪي بيچاري ڏيئي ويندس.

عيدوُ- تڏهين ابي کي ڏوڪڙ ڇونه ڏنائين؟

چتو- رمضان، آھين؟

رمضان- ادا، ھليو آءٌ.

چتو- ميان، حاڪم خدا داد خان جي حڪم موجب تنھنجو مال ڪاھڻ آيو آھيان؛ ھلي پنھنجن ھٿن سان ڇوڙي ڏينم.

رمضان- اَدا، ائين نہ ڪر. اسين اڃائي ڏکيا، باقي اھا ڳئون ئي ڀڳو تہ نہ ڪاھي وڃ.

چتو- مان لاچار آھيان. حاڪم جو اھو حڪم آھي.

رمضان- ٻيلي چتا خان، خدا جو ڪو خوف ڪر؛ منھنجي پاران وڃي حاڪم کي آزي نيازي ڪر، مٽ ڪا پاڇھ پئجي وڃيس.

چتو- آءٌ تہ ڪونہ چوندو سانس؛ متي توکي کپي تہ وڃي ھيلا ڪرينس. (رمضان ھٽڪي ٿو بيھي) تڏھن تون حاڪم جو حڪم ڪونہ مڃيندين؟ چڱو، آءٌ اوطاق تي موٽي ٿو وڃان. (چتو وڃڻ جي ٿو ڪري.)

رمضان- (کيس ٻانھن کان جھلي) ادا، مان تہ توکي ايلاز ٿو ڪريان. الله جي نانءُ وڃي حاڪم کي منھنجي مسڪيني حال کان واقف ڪر تہ مٽ کو رحم پويس. تون وڏو ڪمدار آھينس، تنھنجو چيو ڪونہ موٽائيندو.

چتو- ميان، حاڪم آھي ڪرڙو، مان ڪونہ چوندو سانس؛ سياڻي منھنجي بہ عزت وٺي وجھي تہ پوءِ؟ تنھنڪري مال ڇوڙي ڏي، متان مفت اوطاق تي گھرائي خراب بہ نہ ڪريئي.

ڄاڻيندا آهن. (عيدوءَ جي منهن ۾ نهاري) پر عيدو، اهو ڇپاڙين ڇا پيو؟

عيدو- کجور.

ايما- پٽ، ڪٿان آندءِ؟

عيدو- خميسي جي پٽ پيروءَ ڪا ڪراڙ جي دڪان تان چورائي هئي، تنهن مان مونکي ۽ ڪيريءَ کي ٻه ڪجهه ڏنائين.

ايما- توکي خبر آهي ته چوريءَ جو مال کائڻ حرام آهي ۽ حرام کاڌي کائڻ ڪري ماڻهوءَ جو قلب ڪارو ٿيو پوي؟

عيدو- امان، کجور ته ٻين سنگتين به کاڌي؛ مون کاڌي ته ڇا ٿي پيو؟

ايمان- تون سمجهو ليکڳر آهين، تنهنڪري اهڙن جي صحبت ئي نه ڪر، جنهن مان اندر به پليد ٿئي ۽ خدا وٽ به گنگهار ٿجي. سڀاڻي پڇاڻو ٿيندو، پوءِ ڪهڙي منهن سان جواب ڏيندين؟ مونکي انجام ڏي ته نڪي چوري ڪندين، نڪو ڪڏهين چوريءَ جو مال کائيندين.

عيدو- امان، مان انجام ٿو ڏيانءِ ته وري اهڙو ڪم ڪونه ڪندس.

ايما- شاباس! الله تو مان سڀڪي ڪندو. (عيدوءَ جي پٺي ٺپري ٿي. عيدو هڪ پاسي هليو ٿو وڃي ته مٿان ڇتو ڪمدار در تي کڙڪو ڪري اندر گهڙي ٿو.)

زينب- (ماءُ کـي) لڏهن آءٌ تي وڃان. من مون نياڻيءَ جو ننگ پويس. (ڪمدار ڏي منهن ڪري) چاچا چتا، خدا جي واسطي مون سان گڏيو هل.

چتو- (ڇوڪريءَ جـي سهڻي چهري کـي ڏسي) اَدي! ڀ ڄـان ڀـ پيو، پر تو نياڻيءَ سـان نانه ڪرڻ نٿي ٿئيم.

ايما- اَدا، موليٰ ڀلو ڪندءِ، گڏيو وڃينس.

چتو- چڱو. (طوعاً ڪرهاً) هن سان گڏيو تو وڃان.

(پردو لهي ٿو.)

پردو ٻيو

[ڳوٺ اصغر آباد]

(خدا داد خان زميندار جو ڏنگئي زميندار علي اصغر خان پنهنجي اوطاق جي ٻاهر ڪرسي گهرائڻ لاءِ نوڪر کي سڏي ٿو.)

علي اصغر- واحد ڏنا!

واحد ڏنو- آيو، سرڪار. (اچي ٿو.)

علي اصغر- هڪ ڪرسي ڪڍي آءُ. (واحد ڏنـو ڪرسي ڪڍي اچي ٿو رکي.)

علي اصغر- واحد ڏنا، محمد اچي ته هيڏانهن روانو ڪجانس. (واحد ڏنو وڃڻ جي ڪري ٿو ته مٿان محمد ڪمدار اچي ٿو نڪري. واحد ڏنو هليو ٿو وڃي.)

رمضان - ادا، مان مال ڏيڻ کان ته ناڪار نه ن
ڪريان؛ پر اسين مسڪين لسيءَ ڦڙيءَ لاءِ دربدر ٿي
پونداسون.

چنو - اُها ڪٿي اوهانجي قسمت. آءٌ ته حڪم ج
بندو آهيان. جي موٽي وڃي تو لاءِ حاڪم کي عرض
ڪندس ته چوندو: ڪو چاندو ته ڪونه چڙايو اٿئي ج
پارانس وڪيل بڻي آيو آهين؟

رمضان - پوءِ پيلا، ڪهڙي صلاح؟

چنو - صلاح وري ڪهڙي؟ هلي مال هٿن سا
چوڙي ڏينم ته ڪاهي وڃان.

ايما - ادا چنا، توکان ته اسانجو حال ڳجهو ڪونهي
چا ٿيو جي حاڪم کي ڪٽي اسانجي پاران چيءَ؟ وري
به ڏين پائي آهين، مان به ٿي توسان گڏي هلان.

چنو - پر مان ڪونه هلندس. توهانکي حاڪم ج
سور شايد سارا ڪين پيا آهن؟

ايما - ڪهڙو به هجي، ته به تنهنجو، ادا، چيو ڪندو
تون وڏهين جو ڪمدار آهينس. من خدا اسانجي
ڪا بڌي. جي هڪڙو فصل لڳي پيو ته قرض لاهي
وجهنداسون.

چنو - حاڪم ڪونه مڃيندو. جي چڱائيءَ کي ڪڙه
ته مال چوڙي ڏيو؛ نه ته زوريءَ ڪاهي ويندو سائو
مفت بڇڙا به ٿيندؤ.

محمد - سائين، تنهنجون لک پلائون. تو جهڙا حاڪم ڪٿي؟ پر انهن ڊاڪٽرن مان ڀونو ڪونه ٿو ٿئي. رڳو گُٽ ٿا ڪري ويندا، پيو ٿيو پلو.

علي اصغر - آڙي مورک، اوهين به ته ڊاڪٽر ۾ ايمان رکو ته فائدو پهچيو.

محمد - سائين، اسانجو انهن سڀني ۾ ايمان جمئي ٿو، جا ڪريون. مهرباني ڪري ڪاردار صاحب کي چئي موڪل ته هيڏهن ڊاڪٽر روانو ته ڪري. ٿل ايڏهن مهڙ هجيس.

علي اصغر - تنهنجو مطلب آهي ته مال پئي پيو مري، پر علاج ڪنهن نه ڪجي. آڙي، تنهنجي ته، باقي هڪ مينهن وڃي رهي آهي!

محمد - سائين، چوڏهين صدي آهي آخري صدي. اڳي ته ڪڏهن اهڙيون بيماريون ۽ ذڪر ڪين ٻڌاسون. منهنجي عمر به ٿيڻ ڪتيون آهي؛ هڙو قحط ڪونه ڏٺم.

علي اصغر - خدا جي پار کان اَئين ٿيو آهي؛ ڪنهن جو ڏوهه ڪونهي.

محمد - سائين! اهو ته چڱو، پر سرڪار نٿي اسانکي مدد ڪري؟ هائو، سرڪار رعيت جي پرگهور لهي چڪي آهي، مٿي مال جي ڪندي! خدا توکي وڏي جمار ڏئي، جو سرداري ڪندو رهين؛ نه ته تنهنجو دوست ميان خدا داد خان ته ڏٺو رئيس آهي، باقي سندس هاري سورت پيا روئن.

محمد - بادشاهي برقرار. (اُٿي جھڪي سلام ڪري ٿو.)

علي اصغر - محمد آهين؟ چڱو وِهه. (محمد وهي ٿو.) ملڪ جي خبر ڪر.

محمد - سائين! تنهنجي حياتيءَ جو خير هجي، جو تڳون پيا؛ باقي ملڪ جو حال ڪونهي. ورهي هيل جو اَوسر ٿيو آهي، سو ڪکُ به ڇڏو پاڻو ڪٿو آهي؛ ويچارو مال بک پيو مري. هاڻي ته چارو به تاڙ ڏيڻي ويو آهي.

علي اصغر - ڀلا، مال ۾ موڙو ڪيئن آهي؟

محمد - سائين، موڙو جيئن پوءِ تيئن زور آهي. ويچاري عثمان کي وِيهه ڍور هئا، باقي پنج وڃي بچيا اٿس، تن مان به هينئر رستي تي ايندي، يوسف ڳالهه ڪئي، ته اڄ هڪڙي مينهن مري ويس.

علي اصغر - انهيءَ بيماريءَ کي ڇا چوندا آهيو؟ اڳي ته اهڙي ڪانه پيئي ٻڌي سُون.

محمد - سائين، اِنهيءَ بيماريءَ کي "ٿڌي" ڪري چوندا آهن. اهڙي ته بي پيري آهي، جو رکائي الله! اوچتو ڍور کائڻ پيئڻ ڇڏيو ڏئي؛ جي ٻن ڏينهن اَندر چٽائين ته واهه، نه ته سيتيو رکيو هوندو.

علي اصغر - مون **ڪاردار صاحب** کي لکيو آهي ته **ڊاڪٽر** کي جلد روانو ڪري. مٿن علاج سان ڍور بچي پون.

محمد - حاڪم، اڄ به ٻه ٽي پرڪا ائين ٿيو آهي، پر چور ڪين جهليا آهن. رئيس جو وڏو ڪمدار چوٿان چورن ٽي ڪک ڀيو رکي ۽ ڀڳا ڀيو کائي؛ پوء به وتي آيرا سيرا غريب ڦاسائيندو.

علي اصغر - اهو ته غريبن سان ظلم ٿيو.

محمد - رئيس، ظلم نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ نڪو ان ملين، نڪو ٻڌو. وري به جي ڪڇن ته هيڏانهن هوڏانهن جا موچڙا متن!

علي اصغر - اڙي، ٻڌو اتم ته گهر ۾ اميدواري ٿي اٿيئي؟

محمد - سائين، ڇرچا ڇڏ.

علي اصغر - ڇو؟ اڃا ٻچ جوان آهين.

محمد - سائين، منهنجي زال ڪي ڪڏهوڪو مهلو ڪائي ويو.

علي اصغر - (ٽورو ڪلي) محمد، رات جو ٻڌجي ٿو ته پيٽ لي لنيون هنيون هيوَ؟

محمد - سائين، اسان جنن جون ڪهڙيون ٿو ڳالهيون پڇين.

علي اصغر - پلا، ڪي متا ڦاٽا يا نه؟ آلاجي ٻوڙ، ڪڏهن سڪندو.

محمد - جيئين، اون به تو ائين چئين! مون رمضان ڪان ٻڌو ٿي ڳهريو، نه عيسي وچ ۾ ڊيڪ ڏنو ته تنهنجو پٽ آهي باالائق چور، تنهنڪي ڪيئن سگهه ڏيندو.

علي اصغر- سو ڇو؟

محمد- سائين، ويچارن کي ستائي ماريو اٿس.

علي اصغر- ڪو ته سبب هوندو؟

محمد- سائين، رئيس آهي عياشي. سو ڪمرسنيا ليس ڇتو ڪمدار، تنهن ته ويچارن هارين سان بيدي لائي ڏني آهي.

علي اصغر- پلا، وٽس دانهين ڪا نه وڃن؟

محمد- سائين، ڪنهن جي بڌي ته وڃن. حاڪم، توسان رفاقت اٿس، تون ڪو وڃي سمجهائينس ته پلو پلو، نه ته هارين جو حال ڪونهي.

علي اصغر- اسين به سپاٽي سندس اوطاق وٽان لانگهائو ٿيا آهيون.

محمد- سائين، تڏهن ته خير ڪندو وڃان ٿو.

علي اصغر- ڇگو، پلا، رئيس جي ديهه ۾ جو پڳڙي ڪراڙ کي ڪات لڳو، تنهن جو ڪو پتو پيو؟

محمد- سائين، اڄ صبح جو ڏنم ته سومار پيري سان ميڙاڪو پئي ويا، هيڏانهن هوڏانهن اهاڙون پئي ڏنائون. پوءِ پتا ٿيو، تنهن جي خبر خدا کي.

علي اصغر- واڻيو اشراف ٿو بڌجي. هيءَ ڪنهن جي دشمني ٿي ڏسجي.

محمد- سائين، ڪات به ڳوٺ جي ماڻهن ئي هنيو ٿو بڌجي.

علي اصغر- تڏهن ته چوري لڪي ڪا نه رهندي.

ڏيندو، انهيءَ قدر جو ٽيون ڏينهن لنگهندي مون کي هٿس ڇپارا به ڏنا.

علي اصغر- ٻار آهي.

محمد- ٻار آهي! سائين، منهنجو مڙس ٿيو آهي. ماري ڇڏي وجهانس ها، پر ٻين اچي ڇڏايس.

علي اصغر- اهو تنهنجي منهن تي ڪونه ٿو پوي.

محمد- سائين، مون کي لنگهندي مسڪت جوءِ تي گار ٻني ڪي بائين. چورو ڪٿي وجهه ۾ آيو ته ماري بدوڪي ڪري وجهندو سانس. اهڙي خبر سيٺي اڳيان ڪري ڇڏي اٿمانس. اسين بروچ ماڻهو، پيءُ جي به گار نه سهون. (ٿورو ڦونڊجي ٿو.)

علي اصغر- بروچ ڪي چريا ٿا ڏسجو. بڌاءِ سهين نه گار ڪٿي لڳي پيٺي اٿيئي.

محمد- ٻچين، هاڻ تون به ٿو ڪلون ڪرين. هڪڙو گارون ڪاڏ ٻولسين، ٻيو وري ٿوڪي چڙهو ٿي آيو آهي. تون حاڪم، ڳهراڻي ڪن مهت ته ٿو ڏينس.

علي اصغر- بروچن وڏهي ته پنهنجا خانا خراب ڪيا آهن. بادشاهي به ته الين وڃائو.

محمد- سائين، واه جو آچار ڪيءِ. اسين ته حاڪم ۾ سڀ اُميدون رکيو اچون ته همت سب پڪيون رکيون آهن.

علي اصغر- چڱو، رمضان کي ڳهراڻي تنهنجو ميتلو

علي اصغر- پنهن جي واسطي گالهيون مونکي ٻه ڀيئنيون آهن.

محمد- سائين، اِهو عيسو آهي، جو وتي تو منهنجي پٽ لاءِ لائي چائي ڪندو. سندس مرضي آهي ته رمضان جي ذيءَ جو سڱ، سندس پٽ کي ملي.

علي اصغر- پر حق ڪنهنجو آهي؟

محمد- سائين، تون حاڪم آهين؛ نياءُ توکي ئي ڪرڻو پوندو. نينگري اسانجي لڳي، عيسي ته خالي ٻيلي ڪٽي پٽ پر ڪير وٺي آهي.

علي اصغر- اوهانجي به ڪنهن رسني سان، ڪين ڏوڙي ءَ؟

محمد- ها سائين، رمضان جي پاڻنئي کي مون پنهنجي نينگري پرڻائي ڏني هئي، انهيءَ انجام تي ته رمضان پنهنجي نياڻي منهنجي پٽ خميسي کي پرڻائي ڏيندو. پر منهنجي نياڻي سگهوري ساهرن سميت راهه رباني وٺي ويئي. (محمد کي ڳوڙو ڏڪ تو تئي.)

علي اصغر- خدا جي گهر اِها هئي؛ پر پنهن جي چال جي ساک ڪانهي.

محمد- سائين، چوڪرو آهي؛ ڏهر وارو ٿيندو ته پاڻهي ٺهي پوندو.

علي اصغر- محمد، ٻڌجي تو ته چوريءَ جي به عادت اٿس.

محمد- ٻچين، الله ڪري اِهو سڀ عيسي بدنام ڪيو اٿس. رمضان به وٽي تو اِهي ڳالهيون آڏيون

علي اصغر- (جمعي کي) جمعا، اَبا وڃان ڪرسي ڪٽڻ جي. جاءِ. (پاڻ اندر هليو ٿو وڃي، جمعو ۽ محمد ڪرسي کڻي ٻئي در کان هليا وڃن ٿا.)

(پردو ڪري ٿو.)

پردو ٻيون

(ڪمدار چتو زينب کي ٻاهر ويهاري پاڻ خداداد خان زميندار جي اندرين اوطاق تي اچي ٿو. اوطاق جي ڪمري ۾ خداداد خان هڪ آرام ڪرسيءَ تي بافرحت ليٽيو پيو آهي.)

چتو- سائين، بادشاهي قائم. (ائين چئي سلام ڪري وهي ٿو.)

خداداد خان- ڪيئن چتا، رمضان جو مال ڪاهرائي آئين؟

چتو- قبلا، رمضان وٽ فقط هڪ ڳئون ۽ ڍڳو آهي، پيو خير صلاح.

خداداد خان- نه اهي ٻئي ڪاهرائي آئينس نه؟

چتو- سائين، چيم نه حاڪم کي ڪو اهڙو نذرانو آڻي ڏيان، جو ورهين جون سڪون لهنس؛ باقي اهڙيون ڳئون ۽ اهڙا ڍڳا نه روز پيو آڻيان.

خداداد خان- (توري سرهو ٿي اُٿي ويهي) تڏهن ڇا آندو اٿيئي؟

ڪيو؛ پر ڏسجانءِ مٿان ڪٿي پار ڪي ماري وڃون؛ پوءِ ڏنگيو ويندين.

محمد - سائين، تنهنجو سر سلامت آهي ته اسانجي وار جو نالو ڪير وٺي؟ شير جي ٻچي کي ڪير همت لائي؟ (اٿي در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو.)

علي اصغر - ٻاهر ڏس ته ڪير آهن. (ڪمدار محمد اٿي ٻاهر وڃي ٿو ۽ ٻاهران ٿي وري موٽي ٿو اچي.)

محمد - سائين، ٻاهر جمعو ڪافير، بخشش ۽ سچل داڻن لاءِ بيٺا آهن.

علي اصغر - چڱو، جمعي کي اندر وٺي اچ؛ باقي ٻين کي وڃي ورؤ ڏي. گهرج آهر ڏجان.

محمد - حاضر، سائين. (ٻاهر وڃي جمعي ڪافير کي اندر موڪلي ٿو.)

جمعو - حاڪم کي سلام. (ائين چئي وهي ٿو.)

علي اصغر - جمعا، شايد رات موٽيو آهين. اچ ته ڪا ڪافي ٻڌاءِ. پر ڪا لاهوتي ٻڌائجانءِ.

جمعو - جيئين، حاضر. (جمعو ڪافي ڳائڻ شروع ڪري ٿو. ڪافي ڳائي پوري ڪري ٿو تہ محمد به موٽي اچي ٿو.)

علي اصغر - محمد، ماڻهن کي اَن داڻا ڏنءِ.

محمد - جيءُ سرڪار.

علي اصغر - چڱو، جمعي کي به وڃي ڏي. (ٻئي وڃڻ جي ڪن ٿا.)

چنو- سائين، منهنجو ٻه اِهو ارادو آهي ۽ تڏهن تـ
هيڏهن وٽي آيو آهيانس.

خدا داد خان- تـہ جلد ديدار جو شربت ڏيار؛ اسانجي پياس وڃي ٿي زور پوندي. پر ڳالهه ڪر تہ ٻڪيٽڙو آندو ڪٿئون اٿيئي؟

چنو- قبلا، ٻڪيٽڙو آيو آهي پنهنجي پيءُ رمضان جي فرض لاءِ درخواست ڪرڻ. پر ڪم حرفت سان ڪبج.

خداداد خان- چنو، اج اِهو اشارو ٿو ڏين؟

چنو- هڪ تہ سائين، ٻڪيٽڙو آهي نول. ٻيو ٻڌ جي تو تہ سندس ماءُ ايما، جا زاهد آهي ۽ سڄو ڏينهن ٻيٺي تسبيح ڦيري ۽ قرآن جي تلاوت ڪري، تنهنجي اثر هيٺ ٻڪيٽڙو ٻہ پارسا ٿي پيو آهي.

خداداد خان- تون فڪر نہ ڪر. اهڙا ٻڪيٽڙا ڪيئين ٻالي ڇڏيا اٿئون. اچي سهين، تـہ پاڻهي چرڪ لاهي ڇڏ بس.

چنو- ٻچين، ڏسجانءِ متان ڪمري جي ٻيري مان ٻرواز نہ ڪري وڃيئي. هڪوار ٻڪيٽڙو اڏامي نڪتو تہ وري هٿ اچڻ ڏکيو ٿي پوندو.

خداداد خان- هيتري عمر تڏهن مکيون ماريون اٿئون؟

چنو- حاڪم، معاف ڪبج. منهنجي سمجهه موجب هن ٻڪيٽڙي جي ٻيٺ ۾ مکيون ٿي ٻٽي ماريون اٿيئي. ڇا انس صورت! ڇا هلڻ! سائين، سنئين جهڙي سهڻي آهي، دل جون ٿي سڪون لاهي.

چنو- حاڪم، پڇ نہ. اهڙو ڏکيو آندو اٿم، جو پانيان نہ وڃي پنهنجي گهر کي سينگاريان.

خداداد خان- نامراد، ڪٿان ٿو ڳالهائين؟ جلد مطلب جي ڳالهہ تي اچ.

چنو- سائين، ڪاوڙ نہ ڪر. مطلب نہ هڪ پکيڙو وٺي آيو آهيان.

خداداد خان- (خوش ٿي) پکيڙو! اڄ نہ مس مس الله اسانتي ٿنو آهي.

چنو- سائين، وري بہ تنهنجون اهي ڳالهيون. محنت ڪريان مان، نہ ساراهين خدا کي.

خداداد خان- بيوقوف، جڏهن خدا جو حڪم ٿئي ٿو، تڏهن نہ اهڙو ڪم بڻي ٿو. هنجي حڪم کانسواءِ نہ پن بہ نٿو چري.

چنو- تڏهن سائين، اهڙيءَ طرح ڇو ڪريان؟ خدا پاڻهي گهر ويٺي پيو ڏکيا ڏياريندو. مان هينئر ئي تو در تان موٽائي ڪيدانس.

خداداد خان- هاڻي گڏهپائي ڇڏ. ٻڌاءِ تہ ڪٿي جو پکيڙو ڦاسائي آيو آهين.

چنو- سائين، پکيڙو پرديسي ڪونهي، ڳوٺائي آهي، جيئو ٽيڪ اڄي پوءِ سڀ پکيڙا پرڏيهي آهن، وطن ڏي وصال جي واڳ ورائڻي اٿن.

خداداد خان- اڙي، وطن ڏي واڳ وصال جي وارڻ، تنهنکان نہ هتي ئي چونہ ملي مؤجون ماڻيون.

آهيون. تو حاڪم جو ڪر آهي اسانکي آبي أما جيان سنڀاليو. (اِني خداداد خان منهن ۾ چاڙهه وجهي ٿو.)

خداداد خان- تڏهن تنهنجو مطلب آهي تہ پٺهين کي قرض ڏيندو اچان؟

زينب- سائين، اسانجي تو بنا ٻي مهاڙ ڪانهي. تون نہ ڏيندين، تڏهن ٻيو ڪير ڏيندو؟

چنو- تحقيق، تحقيق.

خداداد خان- اُهو بہ ڪهڙي آڌار تي؟

زينب- جنهي بہ سال ڏنو اٿيئي، تنهي هيءُ سال بہ سائيس. من اسانجي بہ خدا اونائي. جي هڪ فصل وارو ڏنو تہ قرض پڪا لاهي ڇڏيندا سون.

خداداد خان- (کلي) تون جو سمجهين ٿي تہ هڪڙي فصل ۾ پٺهين جو قرض لهي ويندو، سا سڪڻي رڪ. اڄ اٺهہ ڪتي آهن؟ جڏهن اڳئين مڻ جي عيوض ۾ پٺهين چار مڻ ڏئي، تڏهن مس پوري پوَيس.

چنو- حال اهڙوئي آهي.

زينب- ڏٺي باجهارو آهي. ٿورو ٿورو ڪري قرض چنبي ڇڏيندا سون.

خداداد خان- مونکي تہ اهڙو اِمڪان ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي.

زينب- سائين، تون بہ الله مان اُميد نہ نہ لاهي وهہ؛ هو ڪريم ڪارساز آهي.

خداداد خان- تنڌهن آءٌ به اج پنهون ٻڌندس.

چنو- قبلا، ٽڪاڻو ڄاڻ ته مان سڀني ٻڍڙن توکي هاڙهي حب مان انگهٽو پوي!

خداداد خان- پلا، اندر ته آڻيندس؛ دل ته وسڪائي وڏي اٿيئي. مان ڪيئن سان ڳالهائيندس؛ تون سر جهالائو تجانئم؛ ته پوءِ پاڻهي ڇپي ٿي اچي ويندو.

چنو- سائين، وڏي ڄمار هجيئي. ٻـر پيٽي ڪا پٽي پائجانس؛ مٿان ڇپي ٿي اچي ٻـ هٿان آڏامي نه وڃيئي.

خداداد خان- ٺـ، تون پيٽي ڏجانس. مڙيئي هيٺ مٿي ڪنڀي هوڪائي ڏاه پڇنداسونس.

چنو- اِنشا الله (ٻاهر ويندي) حاڪم، ڪنو پوري طرح مارجانءِ.

خداداد خان- تسلي ڪر.

(زينب ڇٽي سان لڄ م لڪندي اندر اچي ٿي.)

خداداد خان- (ڇٽي کي) هيءَ رمضان جي ڌيءُ آهي؟

زينب- هائو حاڪم، آءٌ آهيان.

خداداد خان- توکي خبر آهي ته پٺهين تي قرض گهڻوئي چڙهي ويو آهي؟

زينب- هائو. آبي به ماند اِها ڳالهه ڪئي ڪئي.

خداداد خان- پوءِ تنڌهن، تون ڇا لاءِ آئي آهين؟

زينب- سائين، اسين غريب هـاري، تنهنجو اولاد

زينب - ها ڙهين، جو حڪم.

چنو- سائين، حاڪم ڪان ڪير ڪنڌ ڪڍائيندو؟ جيڪي چوڻو هجيئي سو چئي ڏي.

خداداد خان- (ٿورو سرهو منهن ڪري) اسانکي تنهنجي ڏهرج آهي.

زينب- سائين، اڄ به حويليءَ تي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

خداداد خان- ڪهڙو ڪم!

زينب- جيڪا ڪار چونديون، سا پيئي ڪنديس.

خداداد خان- ڏس ته تون ڪهڙي نازڪبدن آهين.

چنو- سائين، ڳالهه سا دل وٽان ڪڍي آئي.

زينب (شرمائجي) حاڪم، اسان غريبن تي چٽڙون نه ڪريو؛ اسانجو ته رات ڏينهن پورهئي سان ڪم آهي.

خداداد خان- اها قدرت ڪان پل تي ويٺي آهي، نه ته تون جيڪر ڪنهن محل کي سينگاريندي ها.

زينب- (لڄي ٿي) سائين، اسان مسڪينن مٿان ٺٺوليون؟ تون حاڪم ٿي اهڙي ڳالهيون ڪرين.

خداداد خان (انساهه سان) خدا واحد شاهد آهي، ته تو جهڙي حور جنت ۾ به مشڪل ملندي.

چنو- قربان، قربان!

زينب- حاڪم اهي حرف تنهنجي منهن تي ته ڪين ٿا پون؛ اسين تنهنجو اولاد، تون سان اهڙيون ڪيئن ٿو ڳالهائين؟

خداداد خان- هو برابر اهڙو ئي آهي، پر اوڪان نه اهڙا ڪونه ٿا پسجن.

چنو- سائين، ائين به نه آهي. الله جي ڏيڻ تي پوي ته واريءَ مان به اَن ڪري وجهي.

زينب- هن سال سو قرض ڪٽاءِ، باقي آئيندي ...

خداداد خان- مان لاچار آهيان. (ٿورو ترسي) پر جي تون چوين ته ......

زينب- سائين، آءٌ ته ايتري ڪاڻ ئي آئي آهيان.

خداداد خان- جي قرض ڪٽايانس ته اُجورو ڇا ملندم؟

چنو- قبلا، جيڪي تون گهرندين. حاڪم سان ڪير ناڻو ڪندو؟

زينب- سائين، اسين پنهنجي عيدوءَ کي ليسين قرض ۾ پيا وهائيندا سون، جيسين پاڻ نه موڪيندا سون.

خداداد خان- تنهنجو پاءُ اسان جي ڪهڙي ڪم جو ٿيندو؟

زينب- سائين، پيو نه، ته مان پيو ڀرائي.

خداداد خان- تنهنلاءِ اسان وٽ اڳيئي پنو ماٺو آهي.

زينب- ته پنهنجي باغ ۾ ڪٽي ڪنهن ڪم لئي ڇڏجانس.

خداداد خان- اُتي به جاءِ خالي ڪانهي.

زينب- تو حاڪم جا ڪئين ريج منا پيا آهن، ڪو نه ڪو هڏڪ ڪٽي ڪم لڳائجانس.

خداداد خان- مونکي تنهنجي پاءُ جي ڪپتي ڪانهي.

زينب - تنهنجي اهڙيءَ عصمت جي مونکي ڪا اگهه ڪانهي.

خداداد خان - اُهڙي نه، تنهن ۾ مان توکي پنهنجو ڪري عزت ۽ راحت ڏيڻ ٿو گهران.

زينب - جنهنکي تون عزت ۽ راحت ٿو چوين، سا حقيقت ۾ ذلت ۽ زحمت آهي.

خداداد خان - منهنجي مرضي نه آهي ته تون هيئن ذليل زندگي پيئي ڪاٽين.

زينب - ذليل زندگي اُنهيءَ جي آهي، جنهنجو ضمير سياه ۽ دل بي ايمان آهي.

خداداد خان - تون خسيس نينگر ٿي اهڙا بيهودا ڳالهيون ٿي ڳالهائين.

زينب - ها، خسيس، پر نه تو وانگر خبيث.

خداداد خان - زينب، ڪي سمجهه ۾ آءٌ تنهنجو ۽ تنهنجي مائٽن جو ڀلو ٿو چاهيان.

زينب - شل خدا ڀلي ۽ بري جي سمجهه ڏئيئي!

خداداد خان - تون ڳالهوڪي ڇوڪر ٿي مونکي هدايت ٿي ڪرين.

زينب - تون شيطان ٿي مونکي حق جي راه کان ٿو ريتين.

خداداد خان - آءٌ توکي زماني مان سوڌ وٺڻ ٿو سيکاريان.

زينب - نه آءٌ توکي خدا جي واٽ تي ڏيکاريان.

خداداد خان - نامراد، اهو ٿي پنهنجي گستاخيءَ جي جزا پائين.

(ائي چئو منهن ترش ڪري ۽ خداداد خان
جي اشاري تي ٻاهر دروازي تي
وڃي ٿو بيهي.)

خداداد خان- پياري زينب، سچ پچ ڪري اچين ته جنهن وبال کان ونئي تو مونکي در بدر ڀلايو آهي، تنهن وبال کان ونئي تنهنجي چند گهڙي جهڙي تي اڳڪن چڪن تي پيو آهيان؛ باقي ٻه جو تنهنجي مٺي ٻولي ٻڌي اٿم، تنهن ته وينو ٻه موهي ڇڏيو اٿم.

زينب- سائين، پرائي جائيءَ سان اهڙين ڳالهائڻ واجب نه آهن.

(ائين چئي اُٿڻ جي ڪري ٿي ته خداداد خان
ڪرسي ڇڏي اڳ ڏيئي ٿو اچي بيهيس.)

خداداد خان- زينب، ڏس: مان توکي ٻه تنهنجن مائٽن کي مالا مال ڪري ڇڏيندس، نه فقط ايترو، پر توکي رهڻ لاءِ جدا حويلي تيار ڪرائي ڏيندس؛ ڪيئن ٻانهيون خدمت ۾ هڪيون رهنديون؛ هنڌورن ۾ ليٽي اٿنديون ۽ موجون ماڻينديون، هن سڪي ٽُڪر ۽ ٽيڇ پورهئي بدران آرام ۾ ليٽي عمر جا ڏينهن گذاريندينءَ.

زينب- حق جو پورهيو ۽ حلال جو سڪو ٽڪر مفت جي مانيءَ ۽ حرام جي پوڙ پلائن کان هر طرح بهتر آهي.

خداداد خان- تون سمجهو نينگر آهين؛ اجايو ضد ڪري سچي گهر جي آڏو نه اچ.

چنو- سائين، رئيس علي اصغرخان پيو اچي. (ائين چئي نڪري ٿو وڃي.)

خداداد خان- اهو ڪمبخت وري هينئر ڪٿي ٿي ڪنئو

زينب- (منهن آسمان ڏي ڪري) الحمد الله.

خداداد خان- ريزائي نينگر، اڄ چوُنا اٿيئي. (ائين چئي ڇڏي ٿو ڏنيس ۽ مٿان علي اصغرخان اندر اچي ٿو.)

علي اصغر- السلام عليڪم.

خداداد خان- وعليڪم السلام. دوست، اڄ اوچتا ڪيئن اچي نڪتا آهيو؟ ٻيو ته خير آهي؟

علي اصغر- ٻيو مڙ ڀوئي خير. توهانجي اوطاق وٽان اچي لانگهائو ٿيس، چيم ته اڳو ڀوءِ اوهان سان ملندو وڃان. (زينب کي ڏسي) هيءَ نينگر ڪير آهي.

خداداد خان- رمضان ڪڙميءَ جي نياڻي آهي. آئي آهي پنهنجي پيءُ جي قرض لاءِ درخواست ڪرڻ.

زينب- (رئو ڪري پنهنجي منهن) يا الله! .... لکن احسان.

خداداد خان- (ڪرو مرو ٿي) نينگر توڻ هاڻي وڃ، مان پاڻهي ان جي قرض لاءِ ويچار ڪندس. (زينب هلي ٿي وڃي.)

علي اصغر- (شڪجي) هي فصل ته ڀلا آهن ته غريب ڪڙمي ٿوري ۾ وڃي نيا آهن. اسان زميندارن جو فرض آهي ته ڪين ٻچن وانگر سنڀاليون. غريبن جي آه ٻالئي

زينب - هتي جي جرا مسٽر م باڻيندين.

خداداد خان - ته ٻڌ: اسان تو کسيرڪ ڪنيز ڪي تنهنجن مائٽن سوڌو عمر جو آڌو تـي ڏنو، پر تو اسانجي آڇ ٺوڪاري پنهنجي ۽ پنهنجن مائٽن لاءِ اج ڪان وٺي قيامت کڙي ڪئي آهي. هاڻي پور ٺڪر لاءِ پريشان ڪري مار پنداسونوَ ۽ اهڙا ڪڪ ڪونه ڇڏينداسونؤ جنـي ڪٽي مٿو لڪايو.

زينب - ته خداوند ڪريم، جنهن حضرت يونس کي مڇيءَ جي پيٽ م سلامت رکيو هـو، سـو اسانجي ٻـ سار لهندو.

خداداد خان - اُهو خداوند ڪريم، هـتـي تنهنجي ڪهڙي واهر ڪندو؟

زينب - اهو قادر مطلق آهي ۽ هر هنڌ موجود آهي.

خداداد خان - ته جلد پنهنجي خدا کي سڏي وٺ.
(اِئين چئي زور زبردستي لاءِ سنهيري ٿو.)

زينب - يا خدا، مون اڪيليءَ ٻـي وسيليءَ جـي ڪا ماڙ ڪر. (ڇڏائڻ جـي ڪري ٿـي.) اي داور، مون درد منڌ جو فرياد ٻـڌي داد ڪر. (خداداد خان تيئن وڌيڪ زور لڳائي ٿو.) يـا مشڪل ڪشا، تون اُڙ ين جو آڌار ۽ پر جهلو آهين.

خداداد خان - (ڪيس سوڙهو گهٽي) پر جهلو! ......

زينب - بدڪار، ظالم... (ابتري م ڇٽو اندر ڀڄي اچي ٿو.)

علي اصغر- ٻئي ڪنهن گهمري ونئو؛ هروڀرو واچ تي ڪاڻ آئي آهي. (ائين چئي اُٿي ٿو.)

خداداد خان- ٿورو ترسو ته ها. ٻيو وڃو ڪاڏي ٿا؟

علي اصغر- ڪاردار صاحب، جو چانڊيئن ۾ لٿل آهي، تنهن وٽ مهاڳي جي فيصلي لاءِ وڃان ٿو.

خداداد خان- سو اهڙي ٽڪر!

علي اصغر- ڪاردار صاحب کي اڄ شام جو اُتان منزل ڪٽڻي آهي، نه ته جيڪر اوهين سان ترسان. (موڪلائي وڃي ٿو.)

خداداد خان- ڪمبخت اڄ اچي آيل ڀڪيڙو اُڏائي ڇڏيو. ڀوڳ ۾ مفت گلا ٿي پوندي. (ايتري ۾ ڇٽو، جو در وٽ بيٺو آهي، سو اندر گهڙي اچي ٿو.)

ڇٽو- سائين هاڻي به وهامي ڪانه ويئي آهي. ڪراڙ جي ڪات جي تحقيقات لاءِ صوبيدار صاحب ٻاهرينءَ اوطاق تي لٿل آهي؛ کيس رڳو تنهنجي اشاري ڪرڻ جي دير آهي.

خداداد خان- واه جي صلاح ڏني اٿيئي. چڱو، سڏي اچينس.

ڇٽو- حاضر سائين. (وڃي ٿوءِ صوبيدار غلام عليءَ کي سڏي ٿو اچي.)

خداداد خان- (صوبيدار کي هٿ هٿ ۾ ملائي) ڪيئن آهيو، ڇاق، مزي ۾، خير و عافيت؟

صوبيدار- توهين جوڙ، ٻيڙ، تازا توانا؟

۾ ياد لڳايو ڇڏي. البت اوهان جي ڪمدار جي شڪايت ٻڌجي ٿي ته هارين کي ڏاڍو تنگ ٿو ڪري.

خداداد خان - موڪلي ته ڪنهن ڏاهن ڪاڻ ڏني آهي.

علي اصغر - توهين تحقيقات ڪندو ته سربستو پتو پئجي ويندو.

خداداد خان - خير، اها اسين پاڻهي پنهنجي سر جاچ ڪنداسون.

علي اصغر - ڀلا، پڳڙي ڪراڙ جي ڳالهه جو ڪو پتو پيو؟

خداداد خان - اڃا ته چورن جو پتو ڪونهي. هڪ ڏينهن ۾ ضرور خبر پئجي ويندي. پوليس جاچ لاءِ آيل آهي.

علي اصغر - ويچاري واڻئي جو ٻڌجي ٿو ته گهر ئي سڀ ڪري ويا آهن. (ڪجهه وقت ماٺ ۾ پئي) پيو حال چال ڪهڙو آهي.

خداداد خان - مڙئي خير. ڪجهه چانهه پاڻي وٺندؤ.

علي اصغر - ماني کائي نڪتو آهيان. (ائين چئي اٿڻ جي ڪري ٿو.)

خداداد خان - ائين ئي ويندؤ ڪيئن!

علي اصغر - پيٽ ۾ جاءِ هجي ته خوشيءَ سان ڪجهه نه ڪجهه تناول ڪريان.

خداداد خان - اڄو توهانکي وٺي ٿو؟ ٻچ ڏهاڙن کانپوءِ آيا آهيو، ڪجهه ته وٺڻ کان سواءِ موٽي نه وڃو.

صوبيدار - توهانجي مهرباني. (اُٿندي) چڱو، تون پوءِ اسان وٽ اچجانءِ.

چنو - (اُٿي) سائين، هينئر ئي هلان. تو جهڙا صوبيدار نه هجن ته جيڪر هي جٽ وٽ گهوڙو نه ٻڌن.

صوبيدار - خدا عزت ڀلي ڪندو. چڱو وڃ ٻرا، خدا حافظ. (موڪلائين ٿا ته چنو به صوبيدار جي پٺيان وڃي ٿو.)

خداداد خان - (چٽي ڪي) صوبيدار صاحب جي رهڻ ڪاڻ جو بندوبست پوريءَ طرح ڪجو. (اُٿين ٿا ۽ خداداد خان پاڻ ٻئي دروازي کان هليو ٿو وڃي.)

(پردو لهي ٿو.)

پردو چوٿون

(ڪمدار چنو جي زال راستي، جنهنڪي عزت جي
اخلاقي جو ٻرالاءُ ڪن پيو آهي، سا صفحي مان
مهڙي ڪنڊي دالان ۾ پرت ويٺي پري ۽
ڳالهه پيئي. چنو پنهنجس لڪي اچي ٿو
بيهي. انهي راءِ ڳالهه ڪانپوءِ وڃي
ٿو ناڙيءَ جو نڪاءُ ڪري.)

راستي - (ڇرڪ ڀري) آ آ! منهنجو ته هنباڻ ئي

خداداد خان- ڪيئن؟ ڪراڙ جي چوريءَ جو ڪو پتو پيو؟

صوبيدار- مان هٿ ڌوئي ويٺو آهيان. اڄ لنب جي اوهانکي خبر هوندي.

خداداد خان- چڱو وهو ته سهي. (خداداد خان ۽ صوبيدار ٻئي ڪرسين تي وهن ٿا ۽ ڪمدار چٿو ٻئي پاسي تي وهي ٿو.)

خداداد خان- چٿا، تنهنجو ڪنهن تي شڪ آهي؟ ڳوٺ ۾ ٻڌندو ته پيو هوندين؟

صوبيدار- هي توهانجو شايد وڏو ڪمدار ٿو ڏسجي؟

خداداد خان- هائو ڏاڍو لائق پڙهيو ڪمدار آهي.

چٿو- سائين ڪهڙيون ٿو ڳالهيون ٻڌايان. پير مان لاهي آهي منهن ۾ هٽڪي. رمضان ڪڙميءَ جي شورش تي ڪان لڳو ٿو ٻڌجي ۽ جوئس ڪانڪن کي گهر ۾ بناد ڏني تي ٻڌجي.

صوبيدار- ڏٺس ته شايد اڳهرو اوهانجي اوطاق کان ٻاهر تي نڪتي. اوهانجو واهي الهه ورايو، جو انهيءَ وقت اسان وٽ ويٺو هو، تنهن ٿي اٿين ڇيو. سندس مائٽن جي ته ڏاڍي ساراهه تي ڪيائين ته تمام اشراف ۽ ڀلارا آهن.

خداداد خان- جٽن تي ڪهڙو ٻڌاءُ آهي. (هند جي وهاڻي هيٺان سڙ جو نوٽ ڪڍي صوبيدار کي ٿو ڏئي.) هيءَ فقط مهماني اٿوَ. ڪم جي ٻارت هجيوَ.

چتو- اڙي محبوب، مان ته رات ڏينهن تنهنجي ئي نالي جي تسبيح پيو قيريان؛ سچ پڇين ته تنهنجو منهن مون لاءِ مصحف آهي.

راستي- واه ڙي ميان، واه! کهڙو نه عابد آهين!

چتو- تڏهن ته توکي ئي سجدو ڪندو آهيان.

راستي- تـڏهـن مونکي مصلو سمجهيو اٿيئي؟ چا، مان تڏي ٽڪر جي برابر آهيان.

چتو- دلبر، مون توکي ڏيکاريو ٿي ته تو پاڪ جي صحبت ۾ مان پليد ڪيئن ٿي سگهندس.

راستي- تون ڪتي کان به پليد آهين.

چتو- بيبي، هاڻي مونکي کاوڙ نه ڏيار، جي هيڪر کاوڙجي پيس، ته ڏنڊو هٿ مٿو......

راستي- تون منهنجي ويجهو اچـي تـه ڏس؛ جي سڌو نه ڪيومانءِ ته منهنجو نالو به راستي نه آهي.

چتو- توبه! شل زال ذات سان ڪنهنجوڪم نه اڙي.

راستي- ميان، چو ڇا تو بيٺو آهين؟

چتو- مرد ٿي عورت تي ڪيئن هٿيار هلايان؟

راستي- غريب نياڻيءَ تي هٿيار هلائڻ لاءِ تيار هئين.

چتو- (ابوجهل جهڙو منهن ڪري) ڪهڙي غريب نياڻي؟ مدهنجن ته ملائڪن کي به سڌ ڪانهي.

راستي- ملائڪن کي ڪانهي ته شيطانن کي ته آهي.

چتو- چئبو ته شيطان تون آهين، جو توکي خبر آهي.

راستي- هاڻي مونکي شيطان ٿو سڏين؟

ٻاهر ويو. (مڙس کي) توکي سو ڪهڙا چتو اٿم نه اٿين
لڳي او چتو ڪتا نه ڪر. (ٻاڪ مهاڙو) منهنجو نه ساهه
ئي سڪي ويو آهي. (ٽنگون ٽيڙي ليٽي ٿي پوي ته
چتو سندس منهن هٿن ۾ جهلي.)

چتو- مار! هي ٻوڙو ته منهنجي ڪٽ ڪان ڄڃو آهي.

راستي- (ڪاوڙ ۾) مان ٿي مران، توکي مسخري
ٿي آئي آهي.

چتو- يا خدا مري ٿي يا ڪتيءَ وانگر ڏاڙهي ٿي.

راستي- (غصي ۾) مان ڪتي آهيان؟

چتو- توکي ڪير ڪتي چوي.

راستي- جيڪو خود ڪتو هوندو.

چتو- ڇا؟ مونکي ٿي چوين؟ الله الله ڪر.
"ڪتو پليد، انسان اشرف المخلوقات."

راستي- آدمي جڏهن ڪتي جهڙا پار ٿو هلي،
تڏهن ڪتو ٿو سڏجي.

چتو- تڏهن منهنجا ڪتي جهڙا پار آهن؟

راستي- هائو.

چتو- چڱو، جو وري ٻه وفادار ته آهيان.

راستي- ها، پنهنجي مالڪ سان.

چتو- ڇو، توسان ڪونه آهيان.

راستي- مونسان جي وفادار هجين ها ته، اهڙا ڪم
ڪيئن ڪرين ها.

ڄڻو- (پنھنجي مغز کي ھٿ لائي، وري زال جي مغز کي ڇهي) اَڙي! لڳي ٿو ھيءُ (پنھنجي مٿي ڏالي) ھن کان وڏو ٿيو. پوءِ ڪيئن ٿي چوين ته مغز ڪونھيم؟

راڻي- (ٺٺولو ڪري) ڪدوءَ جو مٿو ڪيڏو نه وڏو ٿيندو آھي، پر اندران خالي ئي خالي. ناريل جيتوڻيڪ ننڍو آھي، ته به اندر ڪيترو نه مغز اٿس!

ڄڻو- تڏھين آءٌ ڪدو آھيان، تون ناريل؟ واه واه! ٻئي پاڻ ٺھي وياسون. ٻنھي جو تيل دماغي طاقت لاءِ اڪسير آھي.

راڻي- مطلب ته تون مونکي ڳالھ ڪرڻ ڪانه ڏيندين.

ڄڻو- ڀلي ڪر، سڄو ڏينھن پيئي ڪر، مان ھجان نه ھجان، پيئي ڪر.

راڻي- چري ڏنو اٿيم ڇا، جو اڪيلي پيئي ڀتين سان ڳالھائينديس ؟

ڄڻو- نه نه، توکي ڪير اسپتالي چوي ؟

راڻي- وري به اھائي ڳالھ. آءٌ چوان ٿي ته اڄ تنھنجي، منھنجي صفائي آھي.

ڄڻو- چڱو، ڪٿي اڄ ڪيڙو ته ھڪ ٻئي جي ڇنڊ ڦوڪ ڪريون.

راڻي- تون مونکي سچ پچ چريو ڪري ڇڏيندين.

ڄڻو- نه سڀئون به آءٌ ڪندو سانءِ. (راڻي منھن سڄائي ٿي وڃي ۽ ڄڻو ٻيھر وٺ جھڪي زور ٿو ڏئيس.

چتو- تون پاڻهي ٿي پاڻکي سڏين. ننهنجي سر جو سنهن، جي مون اهڙو ڪم ڪيو هوندو.

راستي- واه ميان گنهگار، پلي هڻ لاف گراف.

چتو- ڇا، ٿڌهن مان گنهگار آهيان؟

راستي- گنهگار ڇا، پر بدڪار آهين.

چتو- (ڪنڌ لوڏي) گنهگار ۽ بدڪار! مار، اڄ غضب جي گهوڙي تي سوار ٿي ڏسجين!

راستي- بي حيا، بي شرم، مون ڀانيو هو ته ڏکجهه لڳي هونديءَ.

چتو- (مرڪي) ها، هيم ته گهٽيائي، پر ڏنم ته توکي گهٽي گهرج آهي، سو مڙيائي اڳ پڇ سوڌي توکي ڏيئي ڇڏيم.

راستي- کهڙو نه بي نڪو آهين!

چتو- (نڪ تي چڱيءَ طرح هٿ لائي) نڪ ته آهي جي ڦار جهڙو اٿم.

راستي- جاچي ڏس، ٽين جهڙو اٿيئي.

چتو- (نڪ کي آڱر سان ٽوڪي، کلي) ها ها ها، وجهي ته اصل نٿو.

راستي- پورو هجي ته وجهي.

چتو- (سنگهه ڪيدي) اڙي، پورو نه هجي ته هي مغز ڪٿان نڪري.

راستي- مغز اٿيئي ڪٿي؟

راستي - (منهن کي هٿ ڏيئي) ميان، نيڻان نيٺ تون ڪو نه سمجهندين. (وڇڙ جي ڪري ٿي.)

ڇتو - (ٻانهن کان جهلي) منهنجا، ائين نه ڪر. مونکي ٻه ساڻ وٺيو هل.

راستي - مونکي تون ڪو نه کپين.

ڇتو - تڏهين بدلي ۾ ڪا ٻي ڏيئي وڃينم.

راستي - مان تو جهڙي ڪانه آهيان؛ وٺين پرايون جايون ڦاسائيندو.

ڇتو - (پاڻ مهاڙو) بس ٻيلي، هاڻي تو ٻول پڌرو ٿي. پرائي جائي! ها ها، چڱو ٻلا، ڪنهنجي جائي.

راستي - ڏوڙ وجهان ۾، ٻڪ ڇائيءَ جا وجهانءِ.

ڇتو - (مسخري جهڙو منهن ڪري ۽ مٿو ويجهو ڪري) اڇيءَ ٻلي وجهه.

راستي - پاپ ۾ پاڻي پائي، ٻڌي ٿئو مرين. اُنهيءَ ڏينهن ونجاريءَ رمضان جي ڌيءُ ڪي حاڪم وٽ وٺي وڃي ....

ڇتو - اڙي! حاڪم ته لڪ لهي. ايڏو ٿي هنن سان ٻال ٻلا ٻائين، جو سنهينءَ ٻيڙ هيءَ ٿائين جهڪر هٿ ڪنيو پيا دعائون ڪنس ها.

راستي - مونکي ته ٻڌڻ ٿو اچي. ٻيهڻ ٿي ڪونهي. هرڪا اچيو مونکي پڙن ڪيو وٺي. ڇي: پنهنجي ميان جا ڪم ته ڏس، سمجهائيندس ٿب؟

ڇتو - (کلي) ٻر تو ته مونکي سمجهايو. اڇا ڇا جي ڄلڻي آلڻي؟ سر ائين ۾ ته اچي ٿيندين ته تو سمجهايو.

ليٽ جڏهين هوءَ لٿي ڪچي، تڏهين پنهنجي ۽ هنجي مغز کي زور تو ڏني ۰)

راستي - (چڙ ۾) هيءَ وري ڪهڙي نئين مسخري بڌي اٿيئي؟

چنو- ڇي! ناريل جو تيل ۽ ڪدوءَ جو تيل زور سان تو ملايان.

راستي- جي تون پائين ته تنهنجي گهر ۾ رهان، نه اهڙي هلت نه هل.

چنو- اهڙي ڪهڙي؟

راستي- (ڪاوڙ ۾) اهي اڻ ٺهندا چرچا ڇڏي ڏي.

چنو- آئ صدقي وڃان. قربان ٿي مران. (راستيءَ جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي) چرچا ته منهنجي اباڻي ميراث آهن، تنهن مان توکي حصو نه ڏيان؟

راستي- پنهنجي اباڻي ميراث وڃي ابن ڏاڏن جي حوالي ڪر.

چنو- تڏهين ته اٿيئي تو قبر کٽان.

راستي- ڪنهنجي؟

چنو- تنهنجي.

راستي- ڇو؟

چنو- تون به اباڻي ميراث آهين.

راستي- سو ڪيئن؟

چنو- (کلي) ها ها، تون منهنجي ڏاڏي پوٽي ڪين آهين؟

پردو پنجون

(اما منجيءَ تي ليٽي پئي آهي. اُبتي ٽولس اُٿس،
ٻاهران زينب گهڙو ڪڇ ۾ کڻيو ڳائيندي پئي
اچي. راڳ ڳائي پورو ڪري،
گهڙو هيٺ رکي ٿي.)

ايما - پٽ، دير لاتيءَ؟

زينب - اما، کوھ تي پيھ لڳي پئي هئي؛ واڙ ڇڙکي مليم.

ايما - چڱو ڪيئي، وزن ته پياريم. (زينب اُٿي شيشي مان دوا جو وزن پري پياريس ٿي.)

زينب - امڙ، ڪي ڪجهه فرحت اٿيئي؟

ايما - پٽ، سرءُ سڪيري آهي؛ ٿوريءَ ليٽ پيٽ ڀڄاڻا نوبنو ٿي پئبو.

زينب - امڙ، هيل ته تنهن توتي وارو ڪٽي پئو آهي؛ هڪ ته ٻئي ڏينهن بري پيئي آهين.

ايما - پنڌي جو وس ڪونهي؛ جيڪي سنڌس ڀاڳ ۾ لکيل آهي، سو ڀوڳڻو پوندس ٿو.

زينب - اما، تڏهن دنيا ۾ تدبير آهي ئي ڪانه؟

ايما - پٽ، مان سمجهان ٿي ته تدبير هلي ئي ڪانه ٿي. حقيقت ۾ ڪنجي ئي ڪرف (قفل) کي کولي ٿي؛ تدبير فقط همت جي چورڻ جو ڀانو ٻڌي ٿي.

زينب - اما، تڏهن تقدير جو ٽارڻ مشڪل آهي، جيڪو انسان ساري ڄمار تدبير کي سڃي ڪري سو هلائي؟

مڃان نه مڃان منهنجي مرضي. (ٿورو ترسي) ٻر
چوڻ مڃيندس.

راستي- وري ٻه اهائي ڪار؟

چنو- ڏس پياري، آءٌ نوڪر، پرائو ٻڪير؛ جي
ائين نٿو ڪريان، ته هوند هي ويس وڳا ڪٿان پهرايان

راستي- ڪهه وجهان اهڙيون گنديون؛ ٻاهر ڏيان اهڙن
وڳن کي.

چنو- تڏهين هينئر لاهي ڦٽا ڪر؛ مٿان ٻاهر ڏينديس
تون ٻه ٻه جلي وڃين.

راستي- تڏهين هيترو وقت مون اجايو مٿو کپايو؟

چنو- ته پوءِ ڇو پيئي چوين؟

راستي- جهڙي ڪندين، تهڙي پائيندين. ٻيڙي
صحبت مان ڏسجه ته لوڪي ٻه نه ڪنهن ڏينهن
ٻيڙائي پهچي.

چنو- ڪير؟ حاڪم ائين ڪندو، ته پوءِ آءٌ ٻه صبر
جو ماڻهو نه آهيان.

راستي- ٻاهر جي سنگت کان جيترو گوشو، تيترو ڀلو.

چنو- ته پوءِ تون ڪپاهه تي مون ٻاهر جي صحبت
چو تي ڪرين؟

راستي- (ڪلهي) پاڻهي هٿ هڻندين.

چنو- (گچيءَ ۾ ٻانهن وجهي) ڀلا، هاڻي نهبو. منهنجي
اڄ ته پاڻ وندرايون. (اندر وڃن ٿا.)

(پردو ڪري ٿو.)

زينب - اما، ڀلا وڏيءَ ويل اَبو ڪيڏانهن اٿي ويو آهي ؟

ايما - پٽ، پٺهين زميندار وٽ ويو آهي.

زينب - وري حاڪم خداداد خان ڪي ڏسڻ ويو آهي ڇا ؟

ايما - ہاءِ ڏجي اهڙي زميندار کي. جهنم ۾ وڃي اهڙي گنهگار کي، جو رعيت جي ٻار تي بيشرميءَ جو حملو ڪري؛ جنهنکي هڪ معصوم نينگريءَ کي ستائڻ کان ۽ خدا جو خوف نہ ٿيو، تنهن ۾ ڀلائيءَ جي اُميد رکڻ ئي عبث آهي.

زينب - اَما، خدا شاهد آهي تہ جيڪڏهن علي اصغر خان نہ اچي وڃي ها تہ ....

ايما - پٽ، خدا مظلومن جو هميشہ مدد گار آهي. هنجي ذات پاڪ مان ڪڏهين ۽ لطف ۽ ڪرم جي اُميد لاهڻ نہ گهرجي.

زينب - اَمان، منهنجو ۽ اڄ ساهہ سڪي ڇڪو هو تہ زميندار علي اصغر خان رحمت جو فرشتو بڻجي اچي هن شيطان جي ڇنبي کان منهنجي جند آزاد ڪئي.

ايما - پٽ، علي اصغر خان هڪ صالح مرد آهي، جو راڄ کي اولاد وانگر سنڀالي ٿو.

زينب - خدا شال هميشہ نهال رکيس! ڇو نہ اسين ۽ سندس هارپ ڪريون؟ اَبو اوڏانهن نٿي ويو؟ هو ضرور اسانجي هيٺين حال تي ڀال ڪري ها.

ايما - پٽ، ائين.

زينب - جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ انسان جي هٿ وس ته ڪجهه نه رهيو؟

ايما - هائو، انسان جي هٿ وس ۾ سڀڪجهه آهي هو پنهنجي لاءِ هن دنيا ۾ بهشت يا دوزخ ٺاهي سگهي ٿو.

زينب - سو ڪيئن؟

ايما - اهو سڀ ايمان جي سلامتيءَ تي منحصر آهي.

زينب - خدا ۾ توڪل رکڻ سان ڏکي انسان ڪهڙيءَ طرح خوش گذاري سگهي ٿو؟

ايما - جنهن انسان جو خدا ۾ مڪمل ايمان آهي، سو اُنهي حڪم تي راضي رهي ٿو ۽ رنج، راحت کي هڪ ڪري ڄاڻي ٿو.

زينب - رنج ۽ راحت کي هڪجهڙي سمجهڻ سان ته رنج ته گهٽ ڪونه ٿو ٿيو وڃي.

ايما - بيشڪ، رنج اُتي ئي رهي ٿو؛ مگر اُن جو ڏنگ نٿو لڳائي. جنهن رنج جو ڏنگ نٿو لڳائي، سو رنج جي دفتر ۾ داخل نٿو ٿي سگهي.

زينب - ائين ڪرڻ سان انسان بهشت ڪيئن ٿو ٺاهي سگهي؟

ايما - جهڙي طرح بهشت ۾ رڳي فرحت آهي ۽ سور هڏهن ڪونهي، تهڙيءَ طرح اهڙو انسان دنيا ۾ هميشه دل جي موج ۾ حياتيءَ جا ڏينهن بسر ڪري ٿو ۽ غم جي باهه هيٺ ئي نٿو اچي.

رمضان- هيڏانهن اچ، نالائق، ته ڪجهه ڏيانءِ!

عيدوُ- (ڊڄي ڊڄي ويو ٿي) ابا، مون ڇا ڪيو آهي؟

رمضان- (وڏي ڪن مروٽي) ڇا ڪيو اٿيئي!
بي شرم، وڏن جو به لحاظ ڪونه ٿو ڪرين؟

زينب- (وچ پئي) ابا، اڄ ڇڏينس. ٻيهر جي اهڙو
ڪم ڪري ته پلي سيکت ڏجانس.

رمضان- (عيدوءَ کي ڪن کان جهلي) ٻيهر ڪنهن
کي گاريون ڏيندين؟

عيدوُ- ابا، مون ته ڪنهن کي به گاريون ڪين
ڏنيون آهن.

رمضان- محمد ڪمدار کي گاريون ڪين ڏنيءِ؟
گاريون ڏيئي وري الٽو. شڪر ڪر، جو اُنهيءَ ڏينهن
ٻين ڇڏائيءَ ۽ ٻچي وئين، نه ته اُنيئي ڀورو ڪري
ڇڏيئي ها.

اما- ڇا! پٽ، تو گاريون ڏنيون ۽ وري الٽيون
ٿو. ڪوڙ ڳالهائڻ کان شرم نٿو اچيئي؟ توکي خبر آهي
ته سچ تي هلڻ ڪري رب به راضي رهي ٿو؟

عيدو- اما، سچ جي معنيٰ اها آهي ڇا ته رڳو
سچ ڳالهائجي؟

اما- نه فقط سچ ڳالهائجي، پر سچ لاءِ جيئجي ۽
سچ لاءِ مرجي.

عيدو- سچ لاءِ جي ۽ مري ڪيئن سگهبو؟

ايما - پٽ، پٺيان اوڏانهن ئي ويو آهي. پر ديرو لاڳاپو ڪيئي اٿس. پلا به ٿي ڀيڙون نه ڏيندءِ. (ايما ماءُ کي پيڙون ڏئي ٿي ۽ سندس وندرائڻ لاءِ ڪافي ڇانئي ٿي ته اينري ۾ پٽس به اچي ٿو نڪري.)

زينب - امڙ، ابو اچي ويو.

رمضان - پٽ، پاٽيءَ وٺو ته پيري پياريم. اڄ ڏاڍو سنايو اٿم. (زينب پاٽي پيري ڏيس ٿي. رمضان ڪتولي تي ويهي پاٽي پيئي ٿو.)

رمضان - الحمدلله! جنهن حال ۾ رکين، سو برسر.

ايما - لوڪي علي اصغر مليو؟

رمضان - هائو.

ايما - ڪا ڳالهه بولهه ڪيائين؟ (رمضان اتي هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٿو.)

زينب - ابا، ڇا پيو نهارين؟

رمضان - عيدو ڪٿي آهي؟ (تورو ترسي هيڏانهن هوڏانهن اک نيٽ ڪري) نامراد!

ايما - هو به تو سنئون گهران نڪتو آهي. اڃا تائين ڪونه وريو آهي.

رمضان - نهايت نالائق آهي. اچي ته سڌو ڪريانس. ڀيڙن سان لڳي ڀيڙو ٿي پيو آهي.

زينب - وري ڪا لڇائي ڪئي اٿس ڇا؟ (انهيءَ وچ ۾ عيدو ٻاهران ڳائيندو ٿو اچي.)

عيدو - (پريان ئي) ابا، تون اچي وئين؟ منهنجي ڪهور؟

رمضان - ڇيومانس: سائين، مونکي ته ڪو به اعتراض ڪونهي، پر محمد جي پٽ جي البت ڳالهه ٻڌي ٻڌجي.
ايما - پر محمد کي ورائيو؟
رمضان - محمد ڇيو ته اها عيسي جي خارجائي آهي، جو ولي خميس لاءِ گهٽ وڌ ڳالهيون ڪندو.
زينب - پر عيدوءَ جي ڳالهه ڪهڙي ڪيائين؟
رمضان - چيائين ٿي ته عيدوءَ مونکي چپارا ۽ گاريون ڏنيون آهن.
ايما - تو ڪهڙو جواب ڏنس؟
رمضان - مون چيومانس ته آءٌ ڇوڪر کي چڱي گوشمالي ڪنديس.
ايما - سڳ بابت آخر ڇا چيس؟
رمضان - اها خاطري ڏني مانس ته جي تنهنجو ڪرو خميسو پوري پير تي هوندو ته مونکي سڳ ڏيڻ ۾ اعتراض ڪونهي.
زينب - اَبا، پوءِ علي اصغرخان اسانکي مدد ڪندو؟
رمضان - اُميد ته اِها آهي. ڏيکاري چڱي ڏني اٿس.
ايما - نيٺ به ڇا چيائين؟
رمضان - مون سربستو حوال ٻڌايومانس. چيائين ته اُنهنجي زميندار کي سفارش ڪنديس. جي ته اوناپائين ته پنهنجي ديهه ۾ ڪٿي نه ڪٿي پوک لاءِ ٻنيءَ ڏکر ڏيندوسانءِ.
زينب - اَبا، ماڇيءَ ائين ڪٿي ڪيائين؟

زينب - ٻئي تي ناحق ٽيندو ڏسي ان کي ٻچائڻ جي ڪري جيڪڏهن پاڻ مري پئبو ته انکي سچ لاءِ مرڻ چئبو.

عيدو - ٻلا، سچ لاءِ جيئبو ڪيئن؟

رمضان - خدا ڪريم جي عبادت ۽ انجي حڪمن جي پيروي ڪرڻ کي چئبو سچ لاءِ جيئڻ.

عيدو - ته مان اڄتي سدائين سچ تي هلندس. (پيءُ جي اڳيان وڃي) ابا، مونکي معافي ڏيو. (پيرين پوڻس ٿو.)

رمضان - (ڳراٽڙي پائي) ته اچي ڪجور. ڏسان ته اڄتي ڪيئن تو سچ تي هلين. (عيدو ڪجور وٺي ٽپندو ٽپندو ٻاهر هليو وڃي ٿو.)

ايما - ٻلا، علي اصغر خان جي خبر ته ڪر، اڄتي ڇا هليو چليو؟

رمضان - علي اصغر خان حاڪم ٿي به ڪهڙي نه همدردي ڏيکاري! محمد کي ته منهن ۾ شور پيو هو. سلام عليڪي به ڪاله ورايائين.

زينب - پوءِ؟

رمضان - پوءِ ته علي اصغر خان، عيدو جي ڏنگائيءَ جي ڳالهه ڪئي ۽ زينب جي سڱ جو اشارو محمد جي پٽ خميسي ڏانهن ڏنائين.

ايما - تو سڱ بابت ڇا چيس؟

رمضان کي لڪڙ ٿو هڻي). (سپاهيءَ کي) سپاهي، هن
عورت کي به گرفتار ڪر.

زينب- حضور! منهنجي ماءُ ۽ منهنجو پيءُ ٻئي
شريف آدمي آهن. خدا ٿو ڄاڻي ته هن چوريءَ جي
هنن جي ملائڪن کي به سڌ ڪانهي.

صوبيدار- بس ڪر، نينگر. (انهن چئي زينب کي
لڪڙ ٿو اُلاري.)

رمضان- يا خدا، تنهنجو رحم اهو آهي، تنهنجو
انصاف اهو آهي! هڪ پاسي اُميد ڏيکاري، ٻئي پاسي
محروم ڪرين ٿو. اسانجي قسمت ۾ مصيبتن ۽ عذابن
کان سواءِ لکيو ئي ڪونه هوءِ ڇا؟ (صوبيدار کي) حضور،
مان ۽ منهنجي گهر واري بيگناهه آهيون.

صوبيدار- بڪواد بند ڪر. عدالت ۾ گناهه نه گناهه
جي ثابتي پاڻهي ظاهر ٿيندي. توهان ٻنهي جا نالا
اوهانجي زميندار ڏنا آهن.

انما- بس. هاڻي معلوم ٿي چڪو. اها سڀ شرارت
انهيءَ شرير ۽ بي ايمان جي آهي.

صوبيدار- (اهي لفظ ٻڌي) توهين ٻنهجي زميندار
سان به قلابي وڃنا آهيو. ڪهڙا نه بدمعاش ڇنڊيا! (رمضان
کي ڌڪ ٿو هڻي.)

زينب- (ماءُ نيڪ کي ڇنڊڙي) ابا، اما، [illegible]
[illegible] کي منهنجي [illegible] ڇڏي نا وڃو؟ [illegible]

رمضان- وري ته حاڪم آهن؛ اسان هارين جي ڪري ته هڪڙي سان ڪين ڦتائيندا.

زينب- خدا ڪري ته شل جلد هن ظالم جي ظلم کان ڇٽي پئون!

ايما- زميندار آهن، ضرور هڪڙي جي رکندا. علي اصغرخان به هنجو رخ ڏسي پوءِ ڪم ڪندو.

زينب- ابا، منهنجي مرضي آهي ته جي خداداد خان مچي ڪٽي، ته به سندبس هاريپ نه ڪجي.

رمضان- پٽ، جئن موليٰ کي منظور هوندو. (ابتري پر در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو.)

سپاهي- رمضان اندر آهي؟ (ائين چئي سپاهي صوبيدار سوڌو اندر گهڙي اچي ٿو ۽ هي سڀ ڏڪي وڃن ٿا.)

رمضان- (ڪنوليي تان اٿي پاڻ مهاڙو) يا خدا، خير ڪج. (سپاهيءَ کي) حڪم.

صوبيدار- سپاهي، هٿڪڙيون هڻيس.

زينب- يا الله! هي ڪهڙو ويل!

ايما- (بسترو ڇڏي) سرڪار، منهنجي ٻڍوهي پيار کي هٿڪڙيون ڇو ٿا هڻو؟

صوبيدار- بس ڪر. مڙسهن تي چورن سان شامل ٿي پڳڙي ڪراڙ کي ڪات هنيو آهي ۽ تو ڪاڻڪن کي جاڳ هوندي به پنهنجي گهر ۾ پناه ڏني آهي. (ائين چئي

باب ڇهون

پردو ڦهريون

(زينب گهر ۾ ويچار ۾ ويٺي رهي ٿي، جو ان مهل عيدو اچي ٿو نڪري.)

زينب - (سرهي ٿي) ٻيٽي کان ٿي آئين؟ ابي اما سان ملڻ ڏنائون؟

عيدو - ها، صوبيدار صاحب ڦريائين ته آنا ڪاني پئي ڪئي؛ پر جڏهن الله جا واسطا وڌامانس، تڏهن رحم پيس ۽ پنجن منٽن لاءِ ملڻ جي موڪل ڏنائين؟

زينب - ڀلا، ابي اما جي خبر ڪر.

عيدو - ابو اما ٻئي اسانجي وڇوڙي کان بيحال هئا. هينئر فقط اسانجي ڳڻتي هئي.

زينب - توکي ڇا چيائون؟

عيدو - مان ويس ته امڙ مولکي ڀاڪر پائي روئي ڏنو. (پاڻ روئي ٿو ۽ زينب جي اکين مان پاڻي وهي ٿو.) پر ابي چيو ته مڙس ٿي پاڻ جي حفاظت ڪجانءِ.

زينب - امڙ به ڪي چيو؟

انهيءَ شڪاري ڪتي وانگر منهنجي پٺيان لڳل آهي. هي سڀ پارڻ ۾ انهيءَ پاريو آهي.

رمضان- ڏيءُ، امر کي ڪير آڏو اچي. تون هينئون نہ هار. توکي جهڄندو ڏسي اسانجا ڇيهہ ڇڄيو نا پون. تون علي اصغر خان کي عيدوُ موڪلي، اسانجي حال جو جاڻ ڪج. هو هڪ شريف انسان آهي. ضرور اوهانجي پرگهور لهندو. (مٿان عيدوُ ۾ تڪڙو تڪڙو ڊوڙندو ٻاهران اندر اچي ٿو.)

عيدوُ- ابا، مونکي پوليس .... (پوليس وارن کي ڏسي هٽڪي) ابا، امڙ، اوهان ڇا ڪيو آهي، جو پوليس وارن پڪڙيو اٿو؟ (اتي صوبيدار جي اشاري تي سپاهي ماڻس پڻس کي گهلي وڃي ٿو.)

زينب- هاءِ! گهوڙا! (بيهوش ٿي ڪري ٿي، عيدوُ عجب ۾ اڪيون ڦاڙيو بيٺو آهي.)

(پردو ڪري ٿو.)

باب پهريون پورو ٿيو.

چتو- ابا، ننڍڙي هوندي ئي وڏن سان هلڻ جي
ساڃهه اِتا سکيو آهين؟

زينب- پرائي گهر ۾ ٻچي گهوڙڻ گهرجي.

چتو- مهنجي نه اوهان لاءِ دل ٿي ڪڇي. توهانکي
هيئن رئندو ڏسي الله پوڄي تو اچيم. (ڏڪ جهڙو منهن
ڪري ٿو.)

زينب- دل ته اها ٿي ڪڇيئي، جو مولکي زميندار
وت.........

چتو- الله جو قسم، جي مولکي اهڙي ڄاڻ هوندي.
ته نه هوند حاڪم کي ائين زور زبردستي ڪرڻ نه ڏيان ها.

عيدوُ- هي سڀ سچ تو چوين؟

چتو- مهنجو خدا شاهد آهي.

عيدوُ- جي سچ پچ ائين آهي ته اسانجي واهر ڪر.

چتو- انهي لاءِ نه آيو آهيان.

زينب- اسانجو ابو اما اسانکي جدائي ڏي، نه عمر
ڀر مهنجو تورو ڪين ڀانداسون.

چتو- بيشڪ، پر اوهين ته حاڪم سان چپ نه پئو.

عيدوُ- حاڪم؟ واه جو حاڪم آهي!

زينب- (عيدو کي روڪي) اسان تہ حاڪم سان
ڪڙو به اهڙو لفظ ڪونه ڳالهايو، جنهن کان چڙ اچيس.

چتو- جيڪڏهين ائين آهي نه حاڪم به هر وپرو اهڙو
ڪونهي، جو غريبان مار ڪري.

عيدو- اڄ ڇهه پيٽ کي ڇڏي هٿ ڇو آيو آهين؟
نالائق زميندار اسان سان هيءَ سڀ ويل وهايو آهي.
اوهين هن جي دڙڪن کان هيسجي نه وڃجو.

زينب- افسوس! او بي رحم حاڪم! جلد پنهنجي
ظلم جي جزا لوڙيندين. (عيدوءَ کي) هٿڪڙيون لـ
ڪوله پيون هئن؟

عيدو- اهي کي هٿڪڙيون پيل هيون، باقي اڄ
ڇڙني هٿن والي هئي.

زينب- (ٿڌو ساه ڀري) هاءِ!

عيدو- ابي فقط مونکي تنهنجي لاءِ ئي وسهت پئي
ڪئي. ڇاڪاڻ ته جي جيل جي سزا جڙيسون، ته به ڪانه
اچي لوهالڪي ملنداسون، پر تون مرندي مري پوين ته
به پيٽ جو واڙ به ونڪو تيئط نه ڏجانءِ.

زينب- پوءِ؟

عيدو- مون به قول ڏنو مانس ته جي سر وڃي ته
گهور ٿيو، پر زينب کي به تيڻ نه ڏيندس. ايتري
۾ صوبيدار جي حڪم موجب پنج منٽ گذري ويا ۽
سپاهيءَ اسانکي اچي زوريءَ ڇني ڌار ڪيو. (عيدو ۽
زينب رئن ٿا. مٿان ڪمدار گهڙي ٿو اچي.)

ڇتو- هي ڇا؟

عيدو- (ڇرڪ ڀري) تون اسانجي گهر ۾ ري موڪل
ڇو گهڙي آيو آهين؟

چتو- ٺينگر، ٻاڻ کان مٿي نه اُڏام. حاڪم زور
اوهين مسڪين. وڏهڻ ٻوري ڪين ٻوندؤ. ٻاڻي
هيڻا نهينءَ ۾ ٽڪندو آهي.

عيدو- نه مري جان ڏيندا سون.

زينب- لون پنهنجي گهر وارو تي ٻراوا ڊينگر تو
اورانگهائين.

چتو- مفت داءَ نه وڃايو.

عيدو- اهڙي داءَ سان وڃي پنهنجو گهر سائو ڪر.

چتو- اڙي، پنهنجي پير لي ٻاڻهي ڪهاڙو نه هڻو.
غريب ماءَ، پيءُ کي چوتا قيد ڏياريو.

زينب- جيڪڏهن ياڻئين نه خواري نه ٽنيئي ته
اسانجي جاءِ مان لڪري ٻاهر ٿيءُ.

چتو- ڀلو، آءٌ هليو ٿو وڃان. (ائين چئي وري
ڪرسي تي ويهي.)

عيدو- نالائق، اجا چا بينو ڏسين؟ هيڪر ٻڇڙائي
ڪيءَ، ٿنهن مان ڀءُ ڪونه ٿيءُ، وري آيو آهين هيسائڻ
۽ ڪوڙڪا منڊڻ.

چتو- اڙي، مار لي تي مهر ٿئي. گهر ويٺي تو راءِ رڃهيو.

زينب- اهڙو راءِ شل خدا گهر ۾ ڏيندءِ!

عيدو- بيشرم، بي حياءَ، اجا اها ٽر ٽر بند نه ڪندين؟

چتو- مون چيو نه ڪٿي حاڪم کي اوهان تي ناريان،
متان غضب جي آگ سان جلائي نه ڇڏيو.

زينب - چاچا چنا، تو اُنهيءَ ڏينهن سربستو حال اکئين ڪونه اچي ڏنو!

چنو- برابر، پر توهين به ڪي ڳالهه ڪين سمجهو.

عيدو- تون چئو. اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. چوين ته وڃي حاڪم کان معافي وٺون؟

چنو- معافيءَ جي هت ڳالهه ڪانهي. اوهين به ڪٿي پنهنجيءَ ٿان لهو.

زينب - لهون ڇا؟ اسين مسڪين، ڪو حاڪم سان قد ٻڌي پڄنداسون.

چنو- جي ائين آهي ته سياڻي اندر حاڪم اوهانجي ابي اما کي قيدخاني مان ڪيائي باهر ڪندو.

عيدو- ته خدا تنهنجو ڀلو ڪندو.

چنو- (تورو ترسي) پر زينب کي حاڪم وٽ اچڻو پوندو.

عيدو- زينب ڪانه ايندي. پر جي مونکي چوين ته آءٌ خوشيءَ سان ايندس.

چنو- حاڪم جو توسان غرض ڪونهي.

زينب - ته ڇا، تنهنجو مطلب آهي ته......

چنو- خدا تو وڙ ڪريئي. اڄ ڄام تماچي تو نوري نوازي. حاڪم تو گهر واري ڪريئي.

عيدو- بس ڪر، ڪميڻا. خبردار جي وري اسان جي در ۾ پير پاتو اٿيئي. (زينب منهن ڪوڙو ڪري ٿي.)

چتو- خير، مان وڃان ٿو. پر پهاڙيءَ ۾ اُتري چوٽ
ڪان روح ٿو رهيم ته اوهان لاءِ هڏ ٿو ڪرڪيم. (اِئين
چئي وڃڻ جي ڪري ٿو.)

عيدوُ- (پنيانس شوخيءَ سان) اهڙو هڏ شل پنهنجي
گهر لاءِ ڪرڪيئي! (چتو وڃي ٿو ته زينب روئي ٿي ۽
عيدو شوخيءَ سان پنيانس نهاري ٿو.)

(پردو لهي ٿو.)

پردو ٻيو

(ڳوٺ جو ٻاهريون پاسو، هڪ طرف کان خيرو گڏه تي
چڙهيو پيو اچي، ٻئي طرف کان ڀيرو ڪهاڙي
کنيو پيو اچي. ڀيرو بيخبريءَ کان
خيري جي گڏه سان لڳي
ڪري پوي ٿو.)

ڀيرو- يا الله! (مٿي نهاري) يار، خيرو آهين؟
ار، ڏنگ ته ٿي پئي وڏي هيءَ. (ٿورا پنهنجي ڏنگ
ي زور ڏئي ٿو.)

خيرو- ڀيرو آهين ڇا؟

ڀيرو- آهين ڪٿي؟ يار، خبر نه ڪر، اڄ ڪنهنجي
گڏه تي چڙهيو آهين؟

خيرو- ڪنيار جو ڇورائي ڪنيو اٿم. ٻيلي، تو نه
ڪا صبح سان مڙسي ڪئي آهي؟

زينب - جي وس غضب جي آگ آهي نہ اسان مظلومن جي آه جي اُف بہ ڪيس اُڏائي ڇڏيندي.

چتو - مفت ڳڻتيءَ ۾ ڇو پيا رڙو ۽ ڳرو.

عيدوُ - چڱا مڙس، هاڻي پاڻ لاءِ پلائي سمجهين نہ ري ٻاهر ٿيُ.

زينب - جڏهن اسين ڳڻتين ۾ ڳوڙها ڳاڙي ڳرندا سون، تڏهن ظالم زميندار جو ڪچو ڪوٽ بہ ڳري ناس ٿي ويندو.

چتو - هيترا ورهيہ مينهن پيا نہ ڪوٽ نہ ڳريو، باقي توهانجي ڳوڙهن ڪان ڳري پري پوندو!

عيدوُ - بي ايمان، تون آيو آهين اسان جي ڦٽن تي لوڻ ڇڻڪڻ.

زينب - مظلومن جي اک جو هڪ هڪ ڦڙو درياهہ جيترو دم رکي ٿو، ويتر جي ساڻس گڏ آه جو طوفان اُٿاري ٿو، تڏهن نہ منجهس اهڙي جنبش ٿو پيدا ڪري، جو ملڪن جا ملڪ اک ڇنڀ ۾ پايو وڃي. حاڪم نہ فقط هڪ زميندار آهي.

چتو - اهو سڀ واهيات آهي.

عيدوُ - نہ تنهنجي بہ اجائي بڪواس آهي.

چتو - خير، همت هڻندؤ.

زينب - اڳي پوءِ قيامت ۾ همت لون اُي هڻندين.

عيدوُ - بدڪار، بي ايمان، پنهنجو مردود چهرو نہ ڏيکار.

ڀيرو- (آڱر ڇڪي خيري کي) چاچو جمعو پيو اچي.

خيرو- ڪنڌ ۾ ڏس ته ڇا پيو لڪيس. شڪ
ڏوڪڙ اٿس.

ڀيرو- تڏهن گڏه تان هيٺ لهي ڪيڏانهن پاسيرو
ڪري بيهيس. (خيرو گڏه تان لهي هيٺ ٺهي ٿو ۽
پاسيرو ڪري بيهيس ٿو، جمعو به ٿو اچي ڪري.)

ڀيرو- چاچا، سلاماليڪم (السلام عليڪم).

جمعو- ماليڪم سلام (وعليڪم السلام). ابا، ڪهڙي
مسخري لائي وينا آهيو؟

خيرو- چاچا، اسان ته ٻئي نهاريو ته خدا توکي
ڏياريو.

جمعو- (کلي) ڇورا، مون مان ڇا سرندؤ؟

ڀيرو- (ميچ ڏئي خيري کي) چاچا، ڇو اسانکي
ڪافي ڪاله ٻڌائيندين؟

جمعو- اوهين ڪافي ٻڌي ڇا ڪندؤ؟

خيرو- اسان کي ڪن ڪينهن ڪيئن؟

جمعو- ڪن اٿو، تنهنجو اسانجو ڪچا؟

ڀيرو- (ڇپ ڏؤلا ڪري) اسانجو ڪچا!

خيرو- چاچا، ڪافي ضرور ٻڌنداسون.

جمعو- (ڪاوڙجي) اري نبو، ڇورا بدمعاش. هو
ڪٿان آندو اٿو؟

پيرو- (کلي) يار، پيچ ٿي ٿو.

خيرو- پو به بڌاءِ ته سهين.

پيرو- اڄ مائي خطيجا صبح سان پاڻيءَ جو دلو ڀريو مٿي تي کڻيو پئي ويئي؛ ڪانياڻ مان اهڙو ته چتائي گليلو هنيو مانس، جو دلو پڇي پيس ۽ سڄي اڇي سيءَ ۾ ٺڪڻ لڳي.

خيرو- توکي ته ڪونه ڏنائين؟

پيرو- آءٌ ته پانيان تو ته ڏنائين.

خيرو- يلا، ڪالهه ڪٿي هئين؟

پيرو- ڪالهه ابي کڏيا موچڙا. چي: اڄ مال ڦهرائي نه ويو آهين ته هڏ گڏ ڀڃي وجهندوسانءِ. لاچار وڃڻو پيم.

خيرو- تڏهن اڄ ڪيئن نڪتين؟

پيرو- وڏو صبح ڏيئي هليو آهيان. ابي کي ننڊ ۾ ستوئي ڇڏي آيو آهيان.

خيرو- مون ڪالهه تو لاءِ واجهايو پئي. عيدوءَ کو ويجهڙ ۾ گڏيو اٿيئي؟

پيرو- ويچاري تي سڄي گهر جو بار جهلي پيو آهي. پڻس ماڻس کي نو نو مهنا جيل اچي ويو.

خيرو- ڀو يارن کي ائين وساري ڇڏ ٻو آهي ڇا؟ مونکي به ملي نه سهين. (ڀريان جمعو ڪافير ڪپڙو ڪلهي تان لٽڪائيندو پيو اچي.)

ڄيرو- ٻاٻا، باقي ھڪڙيءَ ڳالھہ ۾ اھي ب ڪين ويندءِ.

جمعو- ڇورا، ڇڏيوم تہ چڱو.

خيرو- خدا ڀلو ڪندءِ. (جمعو ڪلهي ڳڻي ٿو. ڳڻي بس ٿو ڪري، تنھنڪان اڳي ڄيرو سندس ڳنڍيءَ مان رپيو ڇوڙي ٿو وٺي.)

خيرو- واھ جي ڪافي ٻڌائيءَ.

جمعو- ڀلا، پئسا ڏيوم.

خيرو- ڇاڇا، شل ھوش ھوندئي! پيسا سڀاڻي ڏڏي ڏيندا سونءِ. ليڪن تون بہ ڪا نئين ڪافي ياد ڪري اچجانءِ. في الحال ھو گڏھ ڇوڙيو وڃ.

جمعو- (غصي ۾) چڱو. (ٻئي منھن ۾ ٺھاري ڪلنس ٿا. جمعو وڃي ٿو، پٺيانس ڄيرو ۽ خيرو ٺاٺير ھڻي ملائي ڪلن ٿا.)

ڄيرو- يار، ڏسءِ؟

خيرو- ٺاٺھي ڀاڳ، ٺئيندو.

ڄيرو- رپيو تہ ڏسون ڪو آھي؟ (جڏھن ور مان رپيو ڪڍي ٿو، تہ نظر ٿو ڪري تيون ٻونس.)

خيرو- ٻيلي، ھي ورئي ڪٿان آنديئءِ؟

ڄيرو- حاڪم جي باغ مان ڀنيون اٿم. تہ تون ڏيط تہ بہ آڻ ڪٿان.

خيرو- چاچا، اِسرالله جو اُنهيءَ. ڪافي نه ٻڌائيندين
ته ڏٺي نه مڙهيندءِ.

جمعو- وڏا ڪي خبيث آهيو.

ٻيرو- زميندارن کي ته خوب ڳائي سڻائيندو آهين.

جمعو- برابر، توهين ڪٺل ڇا ڏيندؤ؟

خيرو- چاچا، ڳاءِ ته سهين؛ ٻاٽيءَ کان اڳي ئو
ڪپڙا لاهين. اسين به غريبيءَ آهر سيڪي ڏينداسونءِ.

جمعو- چڱو. (ڪافي ڳائڻ شروع ٿو ڪري. هڪ
پاسي خيرو ۽ ٻئي پاسي ٻيرو وهيس ٿو. ٻه ٽي مصرعون
ٿو چوي ته ٻيرو وچ ۾ روڪيس ٿو.)

ٻيرو- چاچا، اِها ڪافي نه. او، هوءَ.

خيرو- هائو، هائو.

جمعو- اي، اُها ڪهڙي؟

ٻيرو- جيڪا مون ڇيءَ مانڻ. (جمعو ڪافي ٻاڻي
اُتڻ جي ڪري ٿو ۽ پئسا گهري ٿو.)

خيرو- (شلوار کان جهلي) واه، چاچا واه! اساڻي
ته ڪافي ڪانه ڳايءِ.

جمعو- ٻنهي جي ڪافي جا ڳايم.

خيرو- چاچا، ٻنهي جي به ڪا ڪافي ٿيندي آهي؟
خدا ڀلو ڪندءِ، مونکي ڦلاٽي...... ڪافي ٻڌاءِ. پئسا
گڏي ڏينداسونءِ.

جمعو- چورا، اوير ٿي ٿئيم.

عيدُو- ڀيلي، ڏير ٿي ويئي اٿم. (خيرو ۽ پيرو ڇلي لاهي هيٺ ڪنس ٿا.) مونکي ڇڏيو ته گهر وڃان. ادي اڪيون پائي ويٺي هوندي.

خيرو- هاڻي ته بزرگ ٿي پيو آهين. اسين پڻ تو لاءِ نهاريون ته تون نه هيٺ نه مٿي.

عيدُو- يارو، مونکي ٻه وارڪائي ڪانهي.

پيرو- (گجر آڇي) ڇگو، هيءَ گجر ته کاءُ.

عيدُو- ڪٿان آندي اٿيئي؟

خيرو- بابي جي باغ مان.

عيدُو- پٺهن وري ڪڏهن باغ ڪيو؟

پيرو- اڙي، هي سڀ باغات اسانجي نه آهي ته ٻئي ڪنهن جي پيءُ جي آهي ڇا؟

عيدُو- ڇئو نٿا ته چوريءَ جي آهي؟

خيرو- ائين ئي سهين.

عيدُو- ته مونکي ڪانه کپي.

پيرو- هاڻي معصومي ڇڏ.

خيرو- سچا ڏٺا گهيو، هاڻي پڇن کان تو عار ڪرين.

عيدُو- جي اڄ گناهه ڪيم ته ٻارهوئي ڪونه پيو ڪندس.

پيرو- واهه ڙي پٽ سچار، ڏيارينئي ٿو ڏاتار، ڇڏ ماٺو، نه ڪر ناٽو؛ اچي. (آڇيس ٿو، پر عيدو نٿو وٺي.)

خيرو- بيلي، اِهو ته واڌ جو ڪم ڪيءِ. مان ٻـ صبح لاڪر بکيو آهيان. (گجرن کي چڪ هڻي مزي سان وڃنا کائين.)

ٻيرو- (گجر کائيندي) ڏنءِ، جمعي ٻاٻو ڪيئن ني؟

خيرو- يار، مان ڏيکاريانءِ؟ (انهن ڇيئي ڪن تـي همٿ رکي اک سان ٻائي تو.)

ٻيرو- (وچهر روکي) اِئين نه هيئن. (ٻارڙ واڄ ڇهي ڪري ٻائي تو ڏيکاري.)

خيرو- بس ڪر، توکي ڏانءِ نٿو اچي. (ٻارڙ ٻائي تو ڏيکاريس. اينتري ۾ ٻيرو کنڌ ورائي ڏسي تو ته ٻريان ڪو ماڻهو پيو اچي.)

ٻيرو- اَدا، ڏس، اِهو عيدو ته ڪونهي.

خيرو- آهي ته عيدو، ٻر کنيو ڇا پيو اچي؟

ٻيرو- اٽس ڪا ڇلي.

خيرو- شمت کو کرو ڦاڙيو ٻري ٻريو پيو اچي.

ٻيرو- ڳـرو کانڪو ڇئبو، وتي تو اکيلا مـال ماريندو. (مٿان عيدوُ اچي تو نکري.)

ٻيرو- (عيدوءَ کي) واه يار عيدوُ! يارن کي هيئن وساري ڇڏيو آهي؟

عيدوُ- (ٻنهي سان همٿ همٿ ۾ ملائي) اَدا، شل خوش هجو! (وچڙ جي ڪري تو.)

خيرو- ير، تورو ترس ته سهين. ڇلي کڻي تيتر لاه.

جمعو- (خيري کي ٽڙ هڻي) چور! ڪڍ ڪڍ منهنجو رپيو ٻاهر.

خيرو- خدا ڄاڻي، مونکي ته ڪا به خبر ڪانهي.

(عيدو پنهنجي اَن جي ٿلهي کڻي وڃڻ جي ڪري ٿو.)

ٻنو- (عيدوءَ کي) خبردار، جي هنن چريو آهين. (ٻانهن ۾ هٿ وجهيس ٿو.)

عيدو- آءٌ ڪو هنن جو سڱڻي نه آهيان، جو روڪينم ٿو. (اِئين چئي وڃڻ جي ڪري ٿو. ٻنو جهليس ٿو. خيرو وجهه وٺي ڀڄي هليو ٿو وڃي.)

ٻنو- (خيروءَ کي) ڪلا اٿيئي، ڀڄجانءِ. (جمعي کي) هڪڙو مار پيو نه ڀڄي ويو.

عيدو- ڪمدار، مون کان هٿ ٻري ڪر. (ڀاڻ ڇڏائڻ جي ڪري ٿو.)

جمعو- (خيري کي) اڙي بدمعاش، جانو پر. (خيرو جانو پري ٿو.) اڙي شيطان، ٻڌهي هتي سان جانو پر.

عيدو- ڪمدار، تون منهنجي ٻانهن ڪين ڇڏيندين؟

ٻنو- بس ڪر، نالائق. هي اَن ڪٿان چورائي اٿيئي؟

عيدو- هي اَن علي اصغرخان کان وڙو جو وٺي گهر ٿو وڃان. (انهيءَ وچ ۾ جمعو خيري جو جهاڙو وٺي ٿو ته ڪهڙون ۽ ربيو نڪري ٿا اچن.)

جمعو- اجهو ربيو. اڙي، هي ڪيترون وري ڪ چورايون اٿيئي؟

خيرو- ادا ڪاءِ ڪٽي، ڪين تہ ڪانہ ٿي لڳيئي. اسين پاڻ پنهنجي بيت مان ڪوئي ٿا توکي ڏيون.

عيدو- مونکي خبر تو گهرجي.

پيرو- پلال، هيءَ اَن ڪٿان آندو اٿيئي؟

عيدو- علي اصغر خان وٽان.

خيرو- بيلي، سچ تہ ڳالهاءِ، ڪنهنجي ڪري کي پرو ڏنو اٿيئي؟

پيرو- اسين ڪا پني حصو ڪونہ ٿا گهرون.

عيدو- الله جو سنهن تہ ائين آهي. هاڻ پنڌ بو تہ وڃان. (وڃڻ جي تو ڪري.)

پيرو- يار، اچا جمعي ڪافير جي ڇوڙيل ڳنڍ دارو ريهوئي هٿ ۾ اٿئون؛ هلو تہ پڇي پوري ڪريونس چڙهہ.

عيدو- جوانو، ڪو خدا جو خوف ڪريو. چوري چڱي نہ اٿو.

خيرو- واه ڙي ميان زاهد. (عيدو چليءَ ۾ هٿ وجهي وڃڻ جي ڪري تو تہ ڪمدار چتوءِ جمعو اچي ٿا نڪرن.)

جمعو- اِهي اٿيئي. (پيرو ۽ خيرو پڇڻ جي ڪن ٿا، پر پئي جهلجي ٿا پون. عيدو اُونهئي بيٺو آهي.)

چتو- (پيري ۽ خيري کي پوندو ڏيندي) نالائقو، جمعي جون ڪافيون بہ ٻڌيو ۽ رهيو بہ لڳائي ورتئوس!

پيرو- الله الله ڪر. اسانکي ڪهڙي خبر؟

ٻـيو ڏيـون

(زميندار خداداد خان اندرين اوطاق جي هڪ ڪمري ۾ چانه وٺو ويٺو آهي ته مٿان چتو ڪمدار اچيٿو.)

چتو- حاڪم جي وڏي جمار. (اٺين چئي پٺ ۾ ويهي ٿو رهي.)

خداداد خان- چتا، آئين؟ ٻوءِ آخر رمضان جي ڏي لاءِ ڪهڙي سٽ سٽي آئيئي؟ مفت ڪتو ٻه ڪاٽ وسون، ڪڪ ٻه ڪانه پري-

چتو- سائين، نيمگر ڏاڍي ڪم بحث آهي. گهٽيئي ڪوڙ ڪا منبريا اڻٿون، پر اڃا ته ڀڪيڙو نٿو ڦاسي. اُنهيءَ ڏينهن تنهنجي چوڻ تي ويس، ته ڏٺءِ، مور ڳو گاريون ڪائي آيس.

خداداد خان- ڀلا، هاڻي ڪا ڪيڏ ٻڌاءِ.

چتو- سائين، اڄ ڀڪيڙي جو ڏورو هٿ ڪري آيو آهيان.

خداداد خان- (سرهو ٿي) تڏهن ته ٿوري ٽائيم سان ڀڪيڙو ٻيٺيءَ سميت اچي ڄڇي تي وهندو.

چتو- سائين، آءٌ اٺين ئي ٿو سمجهان.

خداداد خان- ته ڏورو جلد هٿ ۾ آڻي ڏيم.

چتو- سائين، وري ٻه ٽڪا! ٽڪن ءِ طمع چا لڳي!

خداداد خان- اڄ ته باري تعاليٰ جا هزار شڪرانا، جو وري ٻه ....

ڇنو- ھلو، ٻئي لڙيءِ، حاڪم جي اوطاق تي.

عيدو- آءُ اوطاق تي ڇو ھلان؟ (ٻاڻ ڇڏائڻ جي ڪري ٿو.) حاڪم آھي نہ تہ لائين آھي.

ڇنو- تون حاڪم لاءِ اُتڙيو تو ڳالھائين. ھي نہ ڪو ٻنھنجو گھر ڏنو اٿيئي ڪيئن؟ ڪتا ڪنھن جاءِ جا!

عيدو- ڪتو تون آھين، جو اجائي ٻھ ٻھ ٻيو ڪرين.

ڇنو- ڪميڻا، تون مونکي ڪتو تو سڏين. (عيدوءَ جي ٻانھن کي زور ڏيئي) ھل اوطاق تي تہ ترائي وٺانءِ.

عيدو- ترائي وٺ پنھنجن جي، جن مان ڪو سواد نہ اچيئي.

ڇنو- سوئر، منھنجي گھر لائين تو وڃين؟ (ڇڪي وڃڻ جي ڪريس ٿو.)

خيرو- (جمعي کي) ڏوھي اٿيئي خدا جي. ڇڏ، نہ تہ حاڪم ماري وجھندو. (اُئين ڇئي پيرين ٻويس ٿو.)

ڇنو- (اِھي لفظ ٻڌي) ڏوھي وري پٺھين جي، ڇا جي؟ حاڪم جي باغ مان جو گجرون چوريءَ ڪيون اٿيئي، تنھنجو تہ ھلي حساب ڪنگھہ. (جمعي کي) گھلي ھل اِنھي نالائق کي بہ. (ٻنھي کي ٻئي جھلا وٺي وڃن ٿا.)

(پردو ڪري ٿو.)

چنو- آئين، قبلا.

خداداد خان- ڇورا ڏاڍا ڏنگا آهن. پر پوءِ؟

چنو- سائين، اڄ صبح سان واحد ڏني ڪنڀار جو ٻه گڏه ڇوڙي ويا ۽ مائي خطيجا جي پرپل دلي تي گليلو هڻي دلو ڀڃي پسائي پٽ ڪري وڌائونس.

خداداد خان- وڏا ڪي نالائق ڇوڪرا. پر ٻڪيڙي جي ڏوري سان اُنهن جو ڪهڙو واسطو؟

چنو- حاڪم، لون ٻه سڄي ته سڄ.

خداداد خان- چؤ ڀلا.

چنو- جمعي ٻه اڄ ئي مونکي ڏاڍهن ڏني. مان ساڻس گڏجي ويس ته ٻئي شيطان گڏ ويٺا هئا، تن سان گڏ ٻڪيڙي جو ڏورو ٻه اَڻکيو ويٺو هو.

خداداد خان- چنا، تنهنجي ته ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.

چنو- (کلي) سائين، زينب جو پاءُ عيدو ساڻن ويٺو هو.

خداداد خان- عيدو وري ڪٿان اچي هٿڪي گڏيو؟

چنو- شايد علي اصغر خان وٽ ڪو ڪم تي بيٺل هجي، جنهن لاءِ علي اصغر خان ٿي رپيا مهنو ۽ وڙو به ڏيندو اٿس.

خداداد خان- تڏهن هاڻي علي اصغر خان اسانجن ڪمن ۾ دست اندازي ٿو ڪري؟ خير، سڀاڻي ۾ اچي ڏسندو. اڃا اسانجا هٿ ڪين لڳا اٿس.

چنو- (منهن سڄائي) حاڪم، اهـا ننهنڊي ڳالهه مونکي بلڪل نٿي وڻي.

خداداد خان- وري ڪهڙو جهرڪيءَ پوانڊو ڏنءِ؟

چنو- سائين، پلي گاريون ڏيئي ٻڙ ڪـر ٿـ پوءِ ڳالهه ڪريان.

خداداد خان- گڏه، ڪهڙيون گاريون ڏنيون مانءِ؟

چنو- قبلا، وري، نئين گار!

خداداد خان- ڪو نالائق تو ڏسجين، ساپيا جي وقت نه چرچا پيا سجهنئي.

چنو- حاڪم، پلي گاريون ڏيئي دنگ ڪـر. آءٌ هليو ٿو وڃان. ڏورو ٿهيو. (وڃڻ جي ڪري ٿو.)

خداداد خان- آبا، الله جو واسطو اٿيئي؛ ائين رسي نه وڃ. خدا وڏا پال پلايا آهن ته تون پيو روساما ڪرين.

چنو- سائين، مون توکي چيو ڪونهي ته ڪم ڪريان آءٌ ته تون واحد ڪي نه واڪاڻ. (وڃڻ جي ڪري ٿـو.)

خداداد خان- (ٿـورو مشڪي) ٺهر ٺهر. اڳتي سنڀالي ڳالهائيندس.

چنو- ته حاڪم، پوءِ وري گاريون ڇو ڏنيءِ؟

خداداد خان- چڱو، تو به ڪيم؛ اڳتي اهـي بـ ڪين ڏيندس.

چنو- تڏهن ٻڌ. جمعي ڪافير جو ڪافين ٻڌڻ جي ڀاني سان پيرو ۽ خيرو رهيو ٽڳائي ويا.

خداداد خان- جمعو اُهو، جيڪو اصغرآباد ۾ رهيتو؟

۽ خيري کي گوشمالي ڪري ڇڏڻ کان اڳ، عيدوءَ کي اهڙي ڏمڪي ڏج، جو خيرو وري پيٽس سان ڳالهه ڪري. پوءِ پکيئڙو باٺمرادو پيهي ايندو.

خداداد خان- هاڻ ڏسج ته ڪيئن نه تو زينب جي مغز مان واءُ ڪيدان. ٻاٺهي پيش پوندي. چڱو، وڃي وٺي اچين. (چنو وڃي ٿو. خداداد خان مڇون مروڙي ويٺو ته مٿان چنو عيدوءَ ۽ خيروءَ کي وٺي ٿو اچي.)

خداداد خان- چور اهي ٻئي آهن؟

عيدوُ- سائين، آءٌ چور ڪين آهيان. مان ته اُن داٽا ڪٽي ٻئي لنگهيس ته، رستي ۾ هيري ۽ خيري پهاري مون سان ڳالهايو. اچا ڳالهايم بيٺي ته ڪمدار چنو جمعي سان گڏ اچي مونکي ٻه جهلي، هنسان گڏ وٺي آيو آهي.

خداداد خان- بس ڪر. ٽون وڏو نالائق آهين. هڪڙي چوري ڪئي اٿيئي، پيو وري اسانجي ڪمدار سان سامهون پيو آهين.

خيرو- حاڪم، ٻلا مونکي معافي ڏي.

خداداد خان- (لپاٽ هڻي) وري اهڙو ڪم ڪندين؟

خيرو- نه سائين، مون ته توبهه ڪئي، ۽ منهنجي اَبي به توبهه ڪئي.

چنو- قبلا، ٻٽس کي گهرائي سچي ڳالهه ٻڌائي ڇڏ.

خيرو- حاڪم، ٻلؤ اٿيئي هير جو، اَبي کي مٿان گهرائين.

خداداد خان- ڇو؟

چنو- سائين، جي علي اصغر خان مدد نه ڪري ها ته هن ڪان اڳ مٽر پڪڙي پوَن ها.

خداداد خان- هاڻي پنو پيو، ته هننکي ڪنهنجو زور آهي. اڳي ته اسان روح راضي ڪرڻ لاءِ زينب کي زبر آڻڻ تي چاهيو، پر هاڻي ته علي اصغر سان به صفائي آهي.

چنو- سائين، ڪچ هميشه ڪلي تي ڪڏندي آهي.

خداداد خان- علي اصغر خان جو اهو مطلب تہ نہ آهي ته پڪيڙو ياڻ......

چنو- ڪيئن چئي سگهجي؟ هو به حاڪم آهي.

خداداد خان- خير، ڏسبو تہ هاڻي بازي علي اصغر توڪني يا اسين. پر عيدوُ ته اصل ۾ ساڻن شامل ڪونه هو؟

چنو- نه سائين، پر جنهن صورت ۾ هنن سان بيٺو هو، تنهن صورت ۾ وجهه ڏسي ڪيس بدي آيو آهيان. پر پيرو ترڪي پڇي ويو.

خداداد خان- عيدوءَ پڇڻ جي ته ڪانه ڪئي؟

چنو- بلڪل نه. ڏاڍي تيڳر اٿس. مونکي ته اهڙا ڪنا جواب ٿي ڏنائين، جو منهنجي بادشاهي هجي ها ته ماري وجهانس ها.

خداداد خان- اڃي ته چڱو ٿا سمجهونس.

چنو- سائين، هن ڏوري کي هوشياريءَ سان لاڻيندا ته پڪيڙو به آهيري تان اُڏامي اچي هن اُڏي تي وهندو.

خداداد خان- تون صلاح ڏي ته پلا ڇا ڪريان.

چنو- سائين، آءٌ ٻئي ڪي ڀهربائين هتي تو آڻيان.

عبدُو- ڇا ڪيو اٿم، جو سيکت ڏيندءِم؟

خداداد خان- ڪميڻا، اڃا ٽائين ٽيڳرو ۽ هوڏ؟ (مارڻ لاءِ اُٿي ٿو ته عبدُو هٽي ٿو وڃي.)

عبدُو- ڪجهه ڏٺيءَ کان ڪؤ ڪر. اسان هيٺن کي هٽندين ته هٽن ۾ لهندين.

خداداد خان- نمڪحرام، تون اسانکي پڙهين ٿو. (ڪن کان جهليس ٿو ته عبدُو اَڪيون ڦوٽاري منهن ۾ نهاريس ٿو.) ڇو، وري اهڙي ٽر ٽر ڪندين؟

عبدُو- ٽر ٽر ته تون ٿو ڪرين.

خداداد خان- ڪميڻا ڪنهن جاءِ جا، تون ڪوه سڌرندين؟

عبدُو- ڀورين ڀاڻ سڌار، پوءِ مونکي مت ڏي.

خداداد خان- (ٻيڇو منهن ۾ گهرڙي) خبيث، تون هاڻ اسانکي وعظ ٿو ڪرين؟

عبدُو- خبيثن جا يار ته تو ۾ آهن.

خداداد خان- ڇٺا، هن سوئر کي اسانجي منهن تان ٽار ته خون نه ڪري وجهولس. راست جو پاڻهي نيو سچيون ڪندو.

ڇٺو- حاضر، قبلا. (عبدوءَ کي ڇڪي وڃي ٿو؛ عبدُوءَ زميندار ڏي شوڪي ٿو. خيرو پٺيان وڃي ٿو.)

(پردو لهي ٿو.)

خيرو- سائين، اَبو ماري ڪل ڪٽي ڇڏيندم.

خداداد خان- (خيري جي ڪن کي زور سان مروٽي) اهڙا ڪم ڪبا آهن؟

خيرو- حاڪم، مون گيسي ڪئي. منهنجي ٽنگ ڪٽي بان آهي.

خداداد خان- وري اهڙو ڪم ڪيو اٿيئي ته اَبتو ڪري ٽنگائيندو سانءِ. (ڪن مروڙيس ٿو.)

عيدو- حاڪم، ڪالهه پيءُ ته آءٌ ساڻن هوس.

خداداد خان- مونکي خبر آهي.

عيدو- حاڪم، وري به پڇي ڏسينس.

خداداد خان- منهنجي به تو سامهون ٿين؟ (ڇڙٻ ڪي) هن بدمعاش کي اَگهاڙو ڪري ٻڌي ڇڏ ته ساري رات پيو ولهه ۾ سياڪجي.

عيدو- حاڪم، ظلم آهي ڇا، جو ٻچا ٻاڇا ڪالهوءَ ائين ٿي ڪري سزا ڏيندين؟

خداداد خان- بس ڪر، ٽڪريل.

عيدو- ٽڪريل آهيان ته به پنهنجي ٻاڙن جو پورهيو ٿو ڪيان. تو وانگر پرمار نه آهيان!

خداداد خان- ملعون، تون مونکي پرمار ٿو ڪوٺين؟

عيدو- پرمار نه آهين ته ٻيو ڇا آهين؟

خداداد خان- اِنهيءَ گستاخيءَ جي عيوض اهڙي جٽ ڪندوسانءِ، جو حياتيءَ تائين سيڪ ٻڌو وتندين،

ڀيرو- اسان سان ٻيئي ڳالهايائين، تنهنڪري شڪ م جهلي ويس.

زينب- عيدوءَ ڪڇيو ئي ڪونه ڇا؟

ڀيرو- عيدوءَ گهڻوئي چيو ته منهنجو واسطو ڪونهي، پر ڪمدار ٻڌس ئي ڪونه.

زينب- هيءَ ته نسورو ناحق ٿيو.

ڀيرو- ناحق يا حق. ڏاڍي جي لٺ کي آهن ٻه مٿا. (ڳل ڏيکاري) ڏس ته ڪهڙي نه لپاٽ هنئي اٿس. (وچڙ جي ڪرسي ٿو.)

زينب- (ٻانهن کان جهلي) توهان ڪونه چيس ته عيدو اسان سان ڪوله هو؟

ڀيرو- ها ها، پر هو سڻي ته ٿئونس؛ رڳو ٽنڙن جو ڦهڪو ٻڌي ٿيو. (اوچتو خيرو به ڳل مهٽيندو، مٿي جا وار ناهيندو، پريان اچي ٿو نڪري.)

ڀيرو- (خيري کي ڏسي) اچهو، خيرو به اچي ويو.

زينب- خيرا، خبر ڪر، عيدو ڪٿي؟

خيرو- (سهڪي) ادي زينب، مونکي ته حاڪم اڌ مئو ڪري ڇڏيو آهي. (پٽ ۾ ويهي ٿو رهي.)

زينب- پر عيدو ڪٿي؟

خيرو- (ڀيري ڏي نهاري) ير، ڇڱو ڪيوءِ جو وُه ڏي ٻڌي نڪري وئين.

زينب- حاڪم عيدوءَ کي ڪوڙ ڇڏيو ڇا؟

پردو چوٿون

(زينب ياءُ جي ڳولا لاءِ رستي تي ڏسي رهي آهي.
وات تي پيرو گڏجيس ٿو.)

زينب- اَدا، پيرو آهين؟ عيدُ ڪو ڏٺءِ؟

پيرو- (هيڏانهن هوڏانهن نهاري) هائو، اَدي زينب.

زينب- ڪٿي هو؟ هُئڙو منڊل ڇو پيو لڳين؟

پيرو- (سهڪي) ڪمدار ڇتو نه آهي وڇي.

زينب- پيو ته خير آهي؟

پيرو- ڪمدار ڏسندو ته ماري وجهندو. (وڃڻ جي
ڪري ٿو ته زينب روڪيس ٿي.)

زينب- ته ڪيو ڇا اٿيئي، جو هيترو ڊڄين ٿو؟

پيرو- خيري کو جمعي ڪافير جو رهيو ڇورابو هو.
مونکي خبر ڪانه هئي، مون پيٺي خيري سان ڳالهايو
ته مٿان ڪمدار ۽ جمعو آيا ۽ اسانکي اچي جهليائون.

زينب پوءِ؟

پيرو- مان ته موچڙا کائي ڀرڪي اُٿي ڀڳس، پر
خيري ۽ عيدُ ٻنهي کي جهلي وٺي ويا.

زينب- (عجب مان) عيدو توهان سان گڏ هو ڇا؟

پيرو- نه، ويچارو وات ويندي ڦاسي پيو.

زينب- سو ڪيئن؟

پيرو- مون ۽ خيري وٺي ڳالهيون ڪيون تہ مٿان
عيدُ اچي لنگهيو.

زينب- تنهنڪري عيدوءَ ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟

پردو پنجون

(خداداد خان زميندار پنهنجي اندرينءَ اوطاق جي
ڪرسيءَ تي ويٺو آهي، ۽ وري وري اُٿي پيو
در ڏي نهاري ته متان چتو به اچي
ٿو ڪري.)

چتو- بادشاهي برقرار! (پٽ تي وهي ٿو.)

خداداد خان- چتا، اوير ڪيءَ؟ زينب جو ته اڃا تائين پتو ڪونهي. عيدوءُ ته قابو آهي نه؟

چتو- هائو سائين، عيدوءُ ڪتي ٻليءَ کان سوگهو آهي. دم ٿو سوڻ ته پاڻهي زينب جا سنڌ منجهندا ۽ اچي نڪرندي.

خداداد خان- جي پلا، زينب اڄ به باز نه اچي ته؟

چتو- سائين، شينهن جي غار ۾ آيل شڪار نڪري ويو، ته پوءِ ڪنهنجو قصور؟

خداداد خان- تڏهن به؟

چتو- قبلا، آهي اهڙيائي.

خداداد خان- تڏهن اڄ ته وري پڪ پڇائي ڇڏيون.

چتو- سائين، جئن چئين.

خداداد خان- هوءَ اچي ته ٿون وڃين در سنڀالج.

چتو- بجهن، اهو ڪم ته اوهنجي ڪريان ها؛ آءٌ به ٻاءُ آئي جو ٿو ڪان.

خداداد خان- منهنجو خيال آهي ته جي نه مڃيائين ته عيدوءَ کي گهرائي ڪنهس خون ڪرڻ جي ڌمڪي ڏيندس. پر چتا، سمجهه ڪٽي ته پوءِ به جي باز نه اچي ته؟

پيرو- (خيري کي) تڏهن کيئن. مون ڏنو تہ چمڙي بہ اُتاري ڇڏيندم.

خيرو- مونکي جمعي کٽي سوگهو جهليو. نہ تہ پڇڻ لاءِ وس آءٌ بہ وڏا ڪريان ها.

زينب- (خيري کي ٻانهن کان ڌوڻنداڙي) اَدا، ٻو عيدوءَ کي ڪوڻ ڇڏيائون ڇا؟

خيرو- عيدوءَ جو اڄ رات مشرئي رلائي ڇڏيندا.

زينب- سو ڇو؟

خيرو- حاڪم سان البت سامهون پيو.

پيرو- سامهون پيو؟ (مٿو ڪنهي ٿو.)

زينب- سو ڪيئن؟

خيرو- حاڪم چيس تہ تون چور آهين، ڪمدار کي گاريون ڏنيون اٿيئي. هن روڪ ٽوڪ جواب ڏنس، تنهن تي حاڪم ڪاوڙجي پيو.

زينب- آخر ڇا ڪندس؟

خيرو- سڄي رات ٻاهر ولهہ ۾ اُگهاڙو ڪري وهاريندس.

زينب- يا خدا!

پيرو- تڏهن ادي، تون وڃي حاڪم کي پيرين هٿين پئي جند ڇڏائينس.

خيرو- ويچاري عيدوءَ تہ ڪربہ ڏوہ ڪونہ ڪيو.

پيرو- يار، هل تہ مٿان مونئي بہ نہ موچڙا ڦري اچن. (وڃن ٿا.)

زينب- هائي ڇا ڪريان؟ سائين وسيلو تجانم.

(پردو ڪري ٿو.)

خداداد خان - عيدو ڪڏهن کان وٺي علي اصغر خان وٽ ڪمائيندو آهي.

زينب - ابي اما کي جڏهن سزا ملي آهي، تنهنکان به هٿئو ڪن اچي.

خداداد خان - پٺيين، مائٽن جي ڇٽي اچڻ ۾ باقي مهنا گهٽا آهن؟

زينب - سائين، غريبن جو اوهي واهي ڪونهي؛ باقي حساب موجب ست مهنا ڪن هوندن.

خداداد خان - جيڪڏهن ٿـون اسانوٽ لنگهي اچين ها ته تنهنجن مائٽن جي ضرور پوئواري ڪريون ها.

زينب - خدا جي اِها گهر هئي. هاڻي مهرباني ڪري مونکي عيدوءَ جي ٻانهن ڏي ته وٺي وڃانس.

خداداد خان - ڇٽا!

ڇٽو - آيو، حضور!

خداداد خان - (ڇٽي کي اکه ڀڃي) وڃي عيدوءَ کي وٺي اچ.

ڇٽو - جو حڪم. (ڇٽو وڃي ٿو.)

خداداد خان - زينب، ڏس: اسين تنهنجي ڪري پاٺيين کي سزا ڏيڻ کانسواءِ ڇڏي ٿا ڏيون.

زينب - خدا هن ڀلائيءَ جو پاڙو ڏيندءِ.

خداداد خان - تڏهن اسين تو ۾ ڪا به اُميد نه رکون؟

زينب - سائين، منهنجو ڀاءُ ٻي ڏوهو آهي، تنهن کي پاڻ حق و ناحق ٻڌي وهارڻ حق نه هوءِ.

چنو- ته مرد آهيو، ضعيفن ۾ وت ڳهڻو؟

خداداد خان- خير. (مٿان زينب ٻه ٻپ جي ماڙي اندر اچي ٿي.)

زينب- حاڪم جي حياتيءَ جو خير.

خداداد خان- (خنڪيءَ سان) زينب آهين؟

چنو- هائو سائين، زينب آهي. (اهن چئي ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

زينب- سائين، آءٌ زينب آهيان.

خداداد خان- ڪهڙي ڪم سان آئي آهين؟

زينب- حاڪم، اڌي عيدوءَ لاءِ آئي آهيان.

خداداد خان- پاڻهين شيطان آهي. ٻيري ۽ خيري سان گڏ جمعي جي ڳنڍ ڇوڙي اٿس.

زينب- سائين، ٻيرو ۽ خيرو مون کي ٻه گڏيا هئا، جن چيو ته عيدو اسان سان ڳالهائيندي راڄ ويندي اڙجي ويو آهي.

خداداد خان- ڇورا ڏاڍا نالائق آهن، مٿن اعتبار ڪونهي. ٻهريائين مٿس ڏوھ مڙهي، هاڻي دوست ڪي بچائڻ ٿا گهرن.

زينب- حاڪم، انهيءَ جي ته مان ٿي خاطري ڏيان ته منهنجو پاءُ ساڻن گڏ ڪونه هو.

خداداد خان- ڪا ثابتي؟

زينب- هائو. اڌو سارو ڏينهن علي اصغر خان وٽ ڪمائيندو آهي ۽ اُن وقت به اُن وٽان ٿي موٽيو هو.

خداداد خان- ٻي سبب نه، پر تنهنجي ڪري.

زينب- ته منهنجو سر حاضر آهي. منهنجي معصوم ٻار جي عيوض پل مون تي پنهنجو غضب نازل ڪر.

خداداد خان- (ٻانهن کان جهلي) غضب نه، سچو محبت. (اِئين چئي پاڻ ڏانهن ڇڪيس ٿو.)

زينب- (پاڻ ڇڏائي) جنهن کي تون محبت چوين ٿو، سا وحشت آهي.

خداداد خان- (کلي) وحشت!

زينب- هائو. جڏهن ريڍار جي غفلت ڪري هميشه بگهڙ کي ريڍن ڪٽڻ جي ساڃي لڳي ٿي، تڏهن دل جي غافل هجڻ سبب نفس به غريبان مار ڪري ٿو.

خداداد خان- تڏهن مان نفس جو مطيع آهيان؟

زينب- لاشڪ.

خداداد خان- اڄ تو کي نفس جا رنگ ڏيکاريان. (تاڙي وڄائي ٿو. ڇنو عيدو کي اندر وٺي ٿو اچي.)

عيدوءَ- ادي! (وڏي ملڻ جي ڪريس ٿو.)

زينب- ادا! (سڪ مان وڏي ٿي.)

خداداد خان- (ٻنهي کي وچ مان ئي روڪي) بس، اُري ٿي بيهو. (عيدوءَ کي پاڻ جهلي ٿو؛ زينب جهلي کي ڏئي ٿو.)

زينب- او سنگدل، هڪ ته اسانجي ماءُ کان اسان کي جيئري وڇوڙو ائين، ٻيو وري هن ادهم ڪسي مون سان ملڻ نٿو ڏين.

خدادادخان- اِهو سڀ تنهنجي خاطر ڪيم.

زينب- (ٿوري استقلال سان) منهنجي ابي اما کي به تڏهن گرفتار ڪرايءِ.

خدادادخان- (ڪرسي ڇڏي اُٿي زينب ڏي ويجهو ٿئي) اِهو الزام مون تي نه مڙهه.

زينب- حاڪم، ڪي به هجي؛ پر عيدوءَ جي بابت مونکي ڏي ته لک ٿورا تنهنجا.

خدادادخان- تڏهن عيدوءَ کي مون اجايو هتي بندي واريو؟

زينب- اِهو ٻاڙ ڪان پڇ.

خدادادخان- زينب، ڏس. اسان جي دل جي شيشي سان سنڀالي راند ڪر. اهو اهڙو نازڪ آهي، جو هيڪر نظر ڪان ڪريو ته پوءِ ٺڪر ٿي پوندو.

زينب- تنهن مان مونکي ڪهڙو ڇهو؟

خدادادخان- ياد ڪر ته پڳل شيشو خنجر جو ڪم ڏئي ٿو.

زينب- ته غريب جي دل به ٻاهه ۽ ٻاٽيءَ جو طلسم آهي؛ هيڪر پڳي ته آهن جا ألا ۽ هنجن جا درياءَ بي اختيار جاري ٿي اُٿي هلندا.

خدادادخان- (آزمائيءَ سان) منهنجي ڪري نه، ته من پنهنجي ٻاءُ جي صدقي منهنجي ٿين؟

زينب- ڇا؟ تڏهن تون منهنجي ابهم معصوم ٻاءُ کي بي سبب بند ڪري رکندين ؟

زينب- (تورو توسي) او قهار! (ڏڪي ڏڪي
اکين کي هٿ ڏيئي) توس. (وري اکيون کولي ياءُ
ڏانهن نهاري ٿڌو ساهه کڻي ٿي. زميندار ٽئين عيدوءَ کي
خنجر ۾ ڪري ألاري ٿو.)

خداداد خان- چؤ، ڇا ٿي چئين؟

عيدو- آدي، مان مٽس نه فڪر ڪونهي؛ پر هن
پليد سان لڳي مٿان پاند ميرو ڪرين.

خداداد خان- (غصي ۾ اچي) ڪم بخت!

زينب- (ياءُ جي شڪل ڏي ڏسي) ادا، ادا.
(زميندار عيدوءَ کي وڌيڪ تاڪي ٿو.)

عيدو- الله!

خداداد خان- نه اچي. (جهڙي زور سان ڇري
ألاريس ٿو، تهڙي وڇي عيدوءَ کي ٿي لڳي.)

عيدو- (ڇاتيءَ کي هٿ ڏيئي) آهه، آهه! يا خدا!
(عيدو مري ٿو. خداداد خان ڏڪي ٿو؛ ڇري هٿ مان
ڪري ٿي پويس ۽ آهستي عيدوءَ کي هٿان
ڇڏي ٿو ڏئي.)

زينب- خون! آدا، خون! هاءِ! (ڊوڙي بيهوش ٿي
اچي ياءُ جي مٿان ڪري ٿي. چتو ۽ خداداد خان ٻئي
هڪبڪا ڏانهن ڊپ ۽ شڪ ۾ نهارين ٿا.)

چتو- سائين، هي ڇا! قهر ڪري ڇڏيوءِ.

خداداد خان- (ڏڪي) بس، ڇري لڳي ويس...
هاڻي...... (اتري ۾ در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو. خداداد خان

خداداد خان - منهنجو مطلب آهي ته جڏهن مان تنهنجي محبت جي ڪنڌيءَ تي پياس ۾ پيو ليئان، تڏهن تون به نديءَ جي ڪناري تي اڪيلي سان پاڻي ڏسندي اُڃايل اُتي تڙپي مرين.

زينب - جڏهن تون مون نماڻيءَ اندر کي پنهنجي جگر ڪان وڇوڙين ٿو، تڏهن شال پنهنجي آنڊي جي ڦوڙائي ڪان ڦٿڪي مرين!

عيدو - شال الله اسان يتيمن جي آه اگهائيندو.

خداداد خان - چپ ڪر، نالائق.

عيدو - ڇا جي ڪري؟

خداداد خان - ڇا جي ڪري؟ اهو پنهنجي پيءُ کان پڇ.

زينب - اَدا، هيءُ ڪميڻو مونکي بريءَ نيت سان ڇڪي ٿو.

عيدو - ڇا؟ سوئر! (پاڻ ڇڏائڻ جي ڪري ٿو ته خداداد خان ڇوڪري کي وهاڻي هيٺان ڇري ڪڍي اُلاري ٿو.)

خداداد خان - ڪتا، ڪميرڪ! (عيدوءَ کي گهوگهو به ڏئي ٿو.)

زينب - يا خدا!

خداداد خان - (عيدوءَ کي گهٽو ڏيئي ڇري وبجهو اُلاري زينب کي ڇوي ٿو) ڇؤ، عصمت گهرجيئي يا پنهنجي پاءُ جي حياتي؟

باب ٽيون

پردو پهريون

(ڪمدار ڇٽي جي جاءِ. جوٽس راستي لاڪس
رات جو انتظار ڪري رهي آهي. هڪڙو
ٻه دفعا اُٿي در کولي ٻاهر نهاري ٿي.)

راستي- خبر نه آهي ته ميان ايتري دير ڇو لاتي آهي. سوجهڙيءَ جي ٻانگ، ملئي ٻه ڳچ وقت ٿي ويو آهي. (در تي ڪڙڪو ٿئي ٿو.)

راستي- آئي. (در پٽڻ کان اڳيئي) ڪير آهين؟

خدادادخان- خدادادخان زميندار. (راستي خدادادخان کي در جي چوٽ مان ڏسي ٿي؛ خدادادخان ٻه ٻاهران سندس منهن کي جاچي ڏسي ٿو.)

راستي- (در پٽي) حاڪم، اڄ پاڙ پنڌ ڪيو اٿيئي. ٻيو نه خير آهي؟

خدادادخان- (سندس منهن ڏي تڪي) ڇڙهي ضروري ڪم اٿم.

گوڙهي ويچار ۾ ٻوي ٿو ته چنو در جي چوڙٺ مان ڏسي موني اچي ٿو.)

چنو- محمد!

خداداد خان- ڪير؟

چنو- علي اصغر خان جو ڪمدار، محمد. (ٻئي هڪ ٻئي ۾ سس پس ڪن ٿا. چنو در پٺي خداداد خان سان اندر هليو ٿو وڃي. محمد ٿورو ٻاهر ترسي اندر ڪهڙي ٿو اچي. لاش ڏسي عجب ۾ ٻوي ٿو. لاش کي جاچي خنجر ڪڍي ٿو ته مٿان خداداد خان ۽ چنو ڪمدار اچن ٿا.)

خداداد خان- هي ڇا! خون! (محمد هٿڪي ٿو بيهي.) خوني بدمعاش، تو هي ڇا ڪيو؟

محمد- سائين، مان!

خداداد خان- تون نه، ته ٻيو ڪير؟

محمد- سائين! سائين!

خداداد خان ۽ چنو- (محمد کي جهلي) خوني!

(محمد ڏکي واٽڙن جيان نهاري ٿو.)

(پردو ڪري ٿو.)

باب ٻيو پورو ٿيو

→←

خداداد خان - تون ويجهي اچ ته سڄي ڳالهه کولي ٻڌايانءِ.

راستي - ڇوڪرو هجيئي ته اِتانهون نه ڪڏهن ٿي چڙهه آءٌ ٻڌي سگهان ٿي.

خداداد خان - ڇو، تنهنجو ڪو اسان ۾ گمان آهي ڇا، جو ويجهي نٿي اچين؟ (راستيءَ کي وڃي ٿو ٻانهن کان جهلي.)

راستي - حاڪم، هٿي ٻري ٿيءُ. (ٻانهن ڇڏائڻ جي ڪري ٿي.)

خداداد خان - محبوب، تون ٻه ٿي ائين ڇئين! (ڇڪيس ٿو، راستي پاڻ ڇڏائي ٿي وڃي.)

راستي - حاڪمن جي شان وٽان نه آهي غريب ڪمدار جي زال تي بي شرميءَ جو حملو ڪرڻ.

خداداد خان - قرب وانڍڻ ۾ ڪو ڏوهه آهي ڇا؟ (ٻانهن کان جهلي منهن ۾ نهار بس ٿو.)

راستي - اهو قرب نه آهي، پر ڪلفت آهي. (پاڻ ڇڏائي ٿي.)

خداداد خان - دلبر، ائين نه ڪر. اچي اره سان لڳ ته پنهنجي عشق جي آڳ کي تنهنجي وصل جي پاڻيءَ سان ٿڌو ڪريان.

راستي - جنهنکي تون عشق جي آڳ ٿو چوين، سو نفس جو شعلو آهي، جنهن تي جڏهن وصال جو پاڻي پوندو، تڏهن تيل جو ڪم ڏيندو ۽ اها آڳ ٻڙڪي ٻيڻ تي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيندي.

راستي - (اندران ڪرسي آڻي رکي) حاڪم، ويهو. تنهنجي ڪم تي ته ڪاڏي ويل ڪونهي؟

خداداد خان - اسان ته ڪيڏانهن ڪونه موڪليو اٿس.

راستي - تڏهن الائي ڪاڏي ويو آهي.

خداداد خان - ٻاهر کهڙي نه ٿڌ پيئي پوي!

راستي - حاڪم، اندر ٿي ويهو.

(خداداد خان اُٿي ٿو ته راستي هٿ ڏ گهيري ڪرسي ڪٽڻ جي ڪري ٿي. خداداد خان سندس ٻانهن تي هٿ رکي ٻري نيت سان منهن ۾ نهاريس ٿو ۽ ڪرسي ڪٽڻ کان روڪيس ٿو.)

راستي - حاڪم، توهان تڪليف نه وٺو، آءٌ ٿي ڪٽان.

خداداد خان - (راستي جو هٿ ٻپري) تو جهڙي نازنين کي تڪليف ڏيون!

(راستي پنهنجي ٻانهن ڇڏائي عجب ۾ پئي حاڪم جي منهن ۾ نهاري ٿي. خداداد خان ڪرسي کڻي اندر وڃي ٿو.)

خداداد خان - راستي، اسان تي ڪاوڙ آهي ڇا، جو مٺي منهن مان ڪجهه ٻولين نٿي؟

راستي - رئيس، اسان مسڪينن جي تو حاڪم تي ڪاوڙ ڪيئن هلندي؟ اهڙا بي حجابيءَ جا لفظ تنهنجي منهن تي نٿا پون.

(ٻاهران ڇتو، جو آيو هئي، سو ٻڌائين "چور چور" ٻڌي ڊوڙندو اچي ٿو ۽ دروازي کي ٺڪاءُ ٺڪي ٿو.)

خدادادخان- هي وري ڪهڙو ڪمبخت اچي ٻيو آهي. (راستيءَ کي ڇڏي ڊپ ۾ پاسيرو ٿي بيهي ٿو. ڇتو اندر گهڙڻ سان خدادادخان کي گهور ڪري ڏسي ٿو.)

ڇتو- ڇا، حاڪم!

راستي- ها، آيو آهي تنهنجو لوڙهو لتاڙڻ.

ڇتو- (ڪاوڙ مان) حاڪم، هي منهنجي وفاداريءَ جو اجورو ٿو ڏيئم!

خدادادخان- سپاهي اِها ڳالهه پڇج. (ڪنڌ هيٺ ڪري ٿو هليو وڃي.)

ڇتو- (پٺيانئس ٺونشو ٻڌائي) سپاهي نه سپاهيءَ جو پاڻهي حساب ڏيڻو پوندءِ.

راستي- واهه جو مڙس آهين! غيرت به ايتري اٿيئي.

ڇتو- پاڻهي ٻڌندينءَ ته ڇا ٿو ڪريانس.

راستي- ٻڌو، ٻڌو، جنهن اُڀرندي نه تاءُ ڪيو، سو اُلهندي ڪهڙا ڦاڙها ماريندو!

ڇتو- تون ڏسج ته اوڏيءَ مهل ڪو نه امڪائيندو آهي، ائين ڪان ٻوءِ ڇڪيندو آهي.

خداداد خان- سڙي خاڪ ٿيس ته پرواه نه آهي.
عاشق کي قناعت ڪڏهن ڪانه اچڻي آهي؛ جي هڪبارگي
گل جي بوءِ ايندي اٿس ته ديدار لاءِ واجهه وجهندو
آهي؛ جي ديدار نصيب ٿيندو اٿس ته ٻنهي ڪان دل
رهي نه سگهندي اٿس. سو اج مس مس تنهنجو ديدار
نصيب ٿيو اٿم؛ محروم ٿي موٽي وڃان!

راستي- جنهنکي تون عشق ٿو چوين، سو فسق آهي.
اِهو نفس اٿيئي، جو پنؤر مثل هن دنيا جي چمن ۾ هڪ
گل تان ٻئي گل تي گنجار پيو ڪرائيئي؛ زينب مان ٻڌءِ
پيٽ ءِ، باقي مون مان پيئندين؟

خداداد خان- اِهو ڪوڙ آهي.

راستي- ڪوڙ هجي يا سچ. ياد ڪر ته ناڪس اٿس
ظاهري پيو ڪڍائيندءِ؛ پر ڪنهن محل اهڙو ڳاٽي ۾
ڪيرائيندءِ، جو چڪنا چور ٿي پوندين.

خداداد خان- تون منهنجي ٿيءُ، باقي نفس جي ڪانڊ
ٿي ڪانهيم. جي مڃس، ته ٻه تو محبوب جي سر تان
قربان ٿيس.

راستي- مون تان قربان ڪو نه ٿيندين، پر شيطان تان.

خداداد خان- شيطان تان نه، پر تو پري پيڪر تان.

راستي- مان توکي انساني لباس ۾ ابليس ٿي سمجهان.

خداداد خان- اِئين! (ڊوڙي پاڪر تو پائيس.)

راستي- چور! چور!

باب ٽيون

پردو ٻيو

(ٻوٽ جو ٻاهريون رستو. چتو ۽ علي اصغر خان پاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا ٿا اچن.)

چتو- قبلا، حقيقت اها آهي.

علي اصغر خان- توکي خاطري آهي ته زينب هينئر باغ واري بنگلي ۾ بند آهي؟

چتو- حاڪم، مان رات به جاچي پڪ ڪري آيو آهيان.

علي اصغر خان- چڱو، تون هاڻي رستي کان ٿري لنڊي آفيس ۾ اچ ته جهاڙوءَ جو وارنٽ وٺي، راتو واه پوليس چاڙهي زينب کي آزاد ڪرايون.

چتو- حاضر، جيئين.

علي اصغر- ٿر سڀاڻ جڏهن خداداد خان کي اسانجي سنڌ جي ڪرڪ نه پئجي وڃي، جو زينب کي ڪيڏانهن پاسيرو نه ڪري ڇڏي ۽ موربُوئي اسانکي ٻري اچي.

چتو- سائين، خدا ٿو ٻڌي سڻائي ڪندو.

علي اصغر خان- چڱو (وڃي ٿو ته چتو پٺيان ٻڌي سلام ٿو ڪريس.)

چتو- (ٻاڻ مهاڙو) اي ٻڌور حاڪم، ها ٿي ٻاڙي جهاڙي واڻ جو وقت وڃڻو آيو آهي. ڪهڙا ٿا ٻنهي لڏهنجي ٻو ڄڄ ۽ ٻنهنجي جنب (جنم) وڃڻ ۽ ڪيترن ٿي ڏوهن سان ٻڌل وڃڻ ٿا ٻڌان ڪڍهي اچڻو ٿيس)

راسٽي- مان، هاڻي چڱائيءَ نوءِ زينب مهل ته سيباڻيءَ پئي.

چٽو- خير.

راسٽي- اهڙي حاڪم جي پٺيان ٿي دين ۽ ايمان ٻوڙيءَ؟

چٽو- دلجاءِ ڪر، مان به سندس خان مان ٻوڙيندس.

راسٽي- يعني؟

چٽو- يعني ته حاڪم گهڻا ڏهاڙا موجون ماڻيون آهن ۽ مون سندس ڪيل لڳي ڪئين گناهه ڪيا آهن. پر ٻيڙائيءَ جي پڇاڙي آخر ٻيڙي آهي. جنهن بي ايمان جي ڪري دين جي سلامتي وڃايم، سو اڄ منهنجا ڪک لتاڙڻ آيو آهي. جيسين جيئرو آهيان، تيسين اهو سبق مور نه وساريندس. (پنهنجي منهن) پر حاڪم، تنهنجي به عاقبت چڱي نه آئي.

راسٽي- تڏهن به؟

چٽو- وڃي ٿو علي اصغر خان اڳيان ٻول ٻڌرا ڪريانس. هن سان ٻت ٿي ٻيڙو غرق ڪندو سانس. پوءِ زينب کي آزاد ڪرائيندس. (اندر هليو ٿو وڃي. ٻنيانس راسٽي به وڃي ٿي.)

(پردو لهي ٿو.)

ايما- جيڪڏهن ائين آهي ته اسانکي به نوسان وڏو رکڻو ڪونهي. (رمضان پاڪر پائي مليس ٿو ۽ ايما هٿ هٿ ۾ ڏئيس ٿي.)

چنو- (رمضان کي) ادا، خبر ڪر ته اوهانکي مدي پوري ٿيڻ کان اڳيئي قيد مان ڪيئن ڇڏيو اٿن.

رمضان- بادشاه سلامت جي جنب (جنم) جو سڀورو ڏينهن هو، سو ڪيترن ئي قيدين کي جشن ملهائڻ لاءِ ڪٽي آزاد ڪيائون. اسانکي به چڱي چال ڏسي ٻين سان گڏ جيل مان ڇڏي ڏنائون.

چنو- الحمد لله! آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. خدا بيڏوهين جو بيشڪ واهرو آهي.

ايما- ادا، ڏي خبر: عيدو ۽ زينب ته خوش آهن؟ (چنو منجهي منهن ۾ نهارين ٿو.)

رمضان- آهي ته خير؟ ڪڇين نٿو؟

چنو- (ننڍو منهن ڪري) ڇا ٻڌايانو!

ايما- ادا، مولي ڀلو ڪندو، جيڪي هجي، سو چئي ڏي.

چنو- دل ڏاڍي ڪريو.

رمضان- خير؟

چنو- ويچارو عيدو!

ايما- عيدو! ڇا؟ جلد ٻڌاءِ.

چنو- شهيد ٿي ويو!

الله نه پلائي ته آهن رمضان ۽ ايما. پر اينتري ۾ ڇني
ڪيئن آيا؟

(انهيءَ وچ ۾ رمضان ۽ ايما به اچي ٿا سهڻن ۽ ڇني
کي ڏسي منهن موڙي لنگهي وڃڻ جي ٿا ڪن.)

ڇنو- (اڳيائيءَ وڌي) رمضان، ايما ڪيرون هجنو!

رمضان- چڱا مڙس، اشرافت مان ڄاڻين ته اسان
سان نه ڳالهاءِ.

ڇنو- ميان رمضان، آءٌ پنهنجي ڪئي تي پشيمان
آهيان ۽ جيڪا هٿان پئي اٿم، تنهنجو اوهان لاءِ ٻـلـو
ڪري حق پلءِ نه وڌو ماڻو ته منهنجي هلڻ چلڻ کي
لعنت آهي. (رمضان ۽ ايما هڪٻئي ڏي نهارين ٿا.)

ايما- (ڇنيءَ کي) چا؟ تڏهن توهان پنهنجي ڪئي
تي پشيمان آهين؟

ڇنو- پشيمان چا، پر بلڪل لڇي آهيان.

رمضان- وري به ڪا سڱي اٿيئي ڪيئن؟

ڇنو- هڪ الله تو ڄاڻي، جي منهنجي دل ۾
پي هوندي.

رمضان- اهي ڳالهيون اُنهن سان ڪر، جيڪي تنهنجي
ڦڪل کان واقف نه هجن.

ڇنو- جي هڪ ڏٺيءَ ۾ وسهين تو ته اٿين آهي.

ايما- تنهنجي ثابتي؟

ڇنو- رئيس علي اصغرخان ڏيندو.

رمضان- (پاڻ مهاڙو) نہ نہ. ٽڪ ڪري اُهي ٿي پيئي آهي. (مٺي لي هٿ گهمائي) ايما! هل نہ هلي ظالم زميندار ڪان وير وٺون. (ٿورو ترسي) ڇو نہ ٿي هلين؟ لوڪي سچ پچ ڏنڊ ڀڃي ويا آهن ڇا؟ (جاچي ڏسيس ٿو) او ملعون زميندار، جيسين هن ٻت ۾ ساهہ ۽ رڳن ۾ رت جو ذرو آهي، تيسين جي تنهنجن ظلمن جو تور ڏيو حساب چڪائي نہ ورتومانء، نہ منهنجي جيئڻ تي ڦٽي هيڻ آهي. (ماٺ ۾ ڀڃي ٿو وڃي. ڇنو پاٽي ڪٽي اچي ٿو. رمضان تهسين پٽڪي جي پلاند سان ايما کي واءُ ٿو ڪري.)

ڇنو- (پاڻ مهاڙو) ويچارن مصيبت زدن جو ڪهڙو نہ حال ٿيو آهي! (ايما جي منهن تي پاٽي ڇٽڪاري ٿو. ايما اکيون پٽي ٿي.)

ايما- يا الله! (ڇني کي ڏسي) اسانتي هيءُ سڀ مصيبت تنهنجي سر آندي آهي.

ڇنو- مائي، سچ آهي. جي اسين هاري هڪبئي جي برخلاف حاڪم جا ٻانهن ٻيلي نہ ٿي بيهون، تہ نہ هوند اهڙين مصيبتن هيٺ اچون ۽ نڪي جيڪر حاڪم کي ايڏي ظلم ڪرڻ جو جگر ٿي سگهي. (رمضان ۽ ايما کي) هاڻي اٿي گهر ڏي هلو. (رمضان کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي اٿاري ٿو. رمضان اُٿي ورِي زال کي اٿاري ٿو.)

ايما- گهر! ڪهڙو گهر؟ هاءِ! (رمضان ۽ ڇنو اُٿار لس ٿا.)

ايما- ڪهڙا! شهيد! يا الله. (ڊڪرجي تي وڃي ۽ چتو جهاي ٿو وٺيس.)

رمضان- شهيد! ڪنهن شهيد ڪيس؟ ڪيئن شهيد ٿيو؟

چتو- اسانجي نالائق زميندار خون ڪيس.

ايما- زميندار؟ هاءِ! يا رب! (مٿي کي هٿ ڏئيتي.)

رمضان- (شوڪارو پري) چو خون ڪيائينس؟

چتو- عيدوءُ پنهنجي ڀجائڻ لاءِ حاڪم جي اوطاق تي ساڻس سامهون ٿيو، هن ڪاوڙ ۾ اچي خون ڪري وڌس.

ايما- (ڪر ڪٽي) ڇا؟ عيدوءُ شهيد ٿي ويو؟ زينب؟

چتو- زينب حاڪم وٽ ٻانهه آهي.

ايما- مصيبت تي مصيبت! (سڄي ٻيڻي ٿي ڪئي. رمضان زور سان جهليس پيو.)

رمضان ڪهڙي هنڌ ٻانهه آهي؟

چتو- باغ واري بنگلي ۾. (ايتري ۾ ايما غش ٿي ٿي وڃي.)

چتو- (ايما ڏي نهاري) مائي وڏي، توکي وري ڇا ٿيو؟

رمضان- (ايما کي تورو ڏونڌاري) ايما، ايما. هيڏانهن جاءِ ڪر. چو، ڳالهائين نه ٿي؟ ڪي ڪجهه ته سڃاڻ.

چتو- ڇاڇا رمضان، هڻو منجهائينس نه، تون قابو جهليس ته آءُ پاڻي کڻي ٿو اچان. (وڃي ٿو.)

انهن مان ڪوءُ نه ٿيءُ، جو اڃا تائين مونکي باند رکي ذاتر لاءِ ڪمرڪشي ٻنو آهين؟ خدا قهار آهي؛ ڪجهه دوزخ جي باهه کان به ڊڄ.

خداداد خان- جڏهن تنهنجي عشق جي آگ اڳيئي جلائي ڇڏيو اٿم، تڏهن دوزخ جي باهه ڇا ڪنديم؟

زينب- ڪهڙو نه ڪاڪسي انسان آهين!

خداداد خان- ها، سڀ تنهنجي ڪري.

زينب- (ڪاوڙ مان) منهنجي ڪري نه، پر نفس اماره ڪري.

خداداد خان- زينب، تون ڀلي ڪاوڙ ڪر. تنهنجي ڪاوڙ کان جو تنهنجي منهن جي ڪٽوريءَ ۾ گلاب ٿو ڀرجي، سو مونکي ڀنور جيان مست ڪيو ڇڏي.

زينب- اهڙا ڀنؤر جيان ڀڻڪندڙ دل اهڙي سپاٽي هيٺ نهنديءَ جو ساري جمار سنڌ ساٿا ٿيا ڀيا هونديءَ پٽ ۾ ڦٿڪندي پساهه ڏيندين.

خداداد خان- تنهنجي مونکي پرواهه ڪانهي.

زينب- آخرت ۾ رت جا ڳوڙها ڳاڙيندين.

خداداد خان- (زينب جي ٻانهن تي هٿ رکي) تون سو منهنجي ٿيءُ، باقي آخرت کي ڀائي ڀوڳڻ ڏيندس.

زينب- ڇوڙي! (هٽي) تون هڪ انساني صورت ۾ نانگ آهين.

خداداد خان- تون مونکي نانگ ٿي سڏين؟

چنو- مائي، دل سڌير ڪر. اڄ رانوواه علي اصغرخان
جي مدد سان پوليس چاڙهي زينب کي ڇڏائي خدادادخان
کان بدلو تا وٺون.

رمضان- نه آءٌ به اڳيئي اتي حاضر هوندس. (وڃنا)

(پردو ڪرجي ٿو.)

پردو ٽيون

(زينب باغ واري بنگلي ۾ باند ٿيل ڏسجي ٿي
۽ غم ۾ ويٺي ٿي ڳائي

زينب- (ڳائي بس ٿي ڪري) مولا، هاڻي مدد ڪر،
تو بنا ڪير آهي، جو ظالم زميندار جي بند کان ڇڏائيم؟
مائٽن کان وڇڙيس؛ معصوم ٻار جو خون اکين ڏٺم.
(ڏڪي اکين کي هٿ ڏئي ٿي ته مٿان خداداد خان
اچي ٿو.)

خداداد خان- پياري زينب، ڇو ٿي جهوري ۾
جهڄين ۽ ڳاري ۾ ڳرين؟ (زينب ڪنڌ کڻي ڏانهنس
شوڪي نهاري ٿي.) تنهنجي گهنڊي جي گهور ته
مونکي اڳيئي گهائي ڇڏيو آهي. تون نٿي ڄاڻين ته ڪيئن
پنهنجين اکين سان منهنجي دل قابو ڪئي اٿيئي؟

زينب- خوني! گنهگار! تون پنهنجين ڀڇڙاين کان
باز ڪين ايندين؟ منهنجن مائٽن کي جيل ڏياري،
منهنجي معصوم ٻار (ڦٽڪي) عيدوءَ کي خون ڪري

...خان- (ڪهاڙي اُلاري) خبردار، خوني!

...ينب- ابا!

خداداد خان- (زينب کي ڇڏي پستول ڏيکاري) خبردار، ڪميڻا! مٿان اِنهين چڙيو آهين، نه ته اٿي جو اِتي جهنم ڏي روانو ڪندوسانءِ. جيل مان ڀڄي نڪتو آهين ڪيئن؟

رمضان- او خوني، ظالم، پنهنجي طاقت جي گهمنڊ ۾ ڪيڏا نه ويل وهايا اٿيئي؟ اسان کي جيل اُماڻي، معصوم عيدوءَ جو خون ڪري، هاڻي وري منهنجي نياڻيءَ زينب تي زور زبردستي ٿو هلائين؟

خداداد خان- نامراد جاءِ مان نڪري ٻاهر ٿيءُ، نه ته تنهنجو ناپاڪ جسم ڳجهن حوالي ڪندس.

رمضان- اهو واءُ مٿي ۾ گهڻا ڏينهن نه رهندءِ. جنهن خوديءَ جي خمار ۾ الوٽ آهين، سا نيٺ عزازيل وانگر خوار خراب ڪنديءِ.

خداداد خان- (ٺٺوڪيءَ سان) چپ! هينئر وڏيڪ ٽر ٽر ڪندين ته ٻڌائي پوليس حوالي ڪندوسانءِ. اڃا هاڻي تازو قيد مان ڀڄي نڪتو آهين، ته وري وڃڻ لاءِ سعيو ٿو ڪرين.

رمضان- ياد رک ته اِهو ظلم ڳجهو ڪونه ٿيندءِ. تيسين الله ڍر ڏيو ڏيئي؛ جيسين ظلم جي اُتاهين جبل جي چوٽيءَ تي نه پهتو آهين، تڏهين اُلٽي پهچندين،

زينب- هائو. جنهجي پگهر جي پورهئي لي لون کير پي ساماڻو آهن، تن لي زهر هاريو اٿيئي.

خداداد خان- اهڙو بيهودو ٿي بکين! (ٻانهن کان جهليس ٿو.)

زينب- بيهودو نه آهي، پر واجبي آهي.

خداداد خان- سو کيئن؟

زينب- جئن ناڻگ ڏيسين ڏنگونگڙو سرڻ نه ڇڏيندو، جيسين هو پنهنجي سوراخ ۾ نه پيهي لڳندو، تئن لون به پنهنجي بدمعاشي نه ڇڏيندين، جيسين قبر ۾ داخل نه ٿيندين.

خداداد خان- ڪمبخت، جي خوشيءَ سان باز نٿي اچين، ته پنهنجو خير نه سمجهجانءِ.

زينب- خير نه خير ڪي آءٌ جاڻيو ويٺي آهيان.

خداداد خان- مفت پاڻکي به تڪليف ٿي ڏيئن ۽ اسانکي به لاچار ٿي ڪرين.

زينب- ماشا الله.

خداداد خان- تڏهن نه اٿيئي ٿو رنگ ڏيکاريانءِ. (سوڙهو جهليس ٿو.)

زينب- الله! خوني ....

خداداد خان- هون، خوني! (اِتي رمضان، جو باغ منجهه گهڙي آيو آهي ۽ کهاڙي ڪلهي تي اٿس، سو آواز ٻڌي اندر گهڙي اچي ٿو.)

خداداد خان- بس ڪر، ڪُڪرِيل! وڌيڪ وڳ، وڳ ڪندين ....

رمضان- ڪندس ته ڇا ڪندين؟

خداداد خان- (ڪاوڙ ۾) ته اڄ بدمعاش... (پستول سڄيس ٿو.)

زينب- حاڪم، ڏاهو ٿيءُ. مفت ۾ مونکي ڇوري نه بڻاءِ. منهنجي پيءُ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي، جو هنکي خون ٿو ڪرين؟ جي ڪو ڏوهه جو ڪو ڪارڻ آهي ته مان آهيان. هنجي بدران مونکي پورو ڪري ڇڏ، ته خفو ئي لهي پوي. (خداداد خان زينب کي پرڀرو ڌڪي ٿو ۽ ٻڍس کي پستول ڏيکاري ٿو.)

رمضان- ملعون، حرص جي باهه ۾ هنن جي واءِ سارو ٻرجي اجايو مخول نه ٿيءُ. ياد رک ته هيءَ مٽيءَ جي ساڙي پاڪيءَ تي بيٺل آهي. جي منهنجو خون ڪيءُ ته منهنجي رت جي هڪ ٽيپي مان اهڙا جيءَ ڪرندي، جا نه فقط توکي ساڙي خاڪ ڪندي، پر تنهنجو خان مان برباد ڪري ڇڏيندي.

خداداد خان- ائين؟ (پستول ڏيکاري) اڄ ......

زينب- خدا جي نانءَ، ٿورو ترس.

رمضان- او ڦهري! هي جڳهه درباءِ مثل آهي، جنهن ...ون سوداگر آهين، جسر ٻيڙي اٿيڻ ۽ عمر واءُ.

تڏهين اهڙي ست ڏيندءِ، جو ڪيرائي ٿهاروُن چڙهندءِ. گناهه جو گهڙو پرجي پيٽ ڦاٽي پو

خداداد خان- جي ڦاٽو، ته به تو جهڙن ڪي مار ڪان پوءِ مرندس.

رمضان- او شيطان، به ڏينهن اوج ڪري پوءِ ليٽ هيٺ ڪرندين. اڄ اُپ تي تو اُڏامين، سياڻي لٽڙ ۾ پيو لتاڙبين.

خداداد خان ائين؟ (پستول سڌي ٿو.)

زينب- (ٽڪڙي هلي خداداد خان جي ڪابيءَ ۾ پانهن ۾ هٿ وجهي) او ظالم ڪجهه خدا جو خوف ڪر.

خداداد خان- ڇو نه ته پٺهين ڪي به عيدوءَ جيان دوزخ ڏي روانو ڪندس.

رمضان- سوئر. (ڏڪي هٽڪ لاءِ وڌي ٿو، پر پستول ڏسي هٽي تو بيهي.)

زينب- الله جي نانءِ منهنجي آبي کي نه مار.

خداداد خان- اِهو پٺهين مرندو، تڏهين ٻاهه اُجهامندي.

رمضان- آءٌ مرندس، پر اڪيلين ڏيءُ جو لتل شرم نه ڏسندس.

خداداد خان- جي جيڪري نه ڏسندين، ته مٿي ڏسندين.

رمضان- جي آءٌ مرندس، ته توکي به قبو اُڏائڻو ڪونهي. پاڻهي محشر ۾ مٿي پليد ٿيندي.

خداداد خان- تہ اڳو پوءِ تو واءِ وانگر اڏايانءِ سڀي تو. (اِتي پوليس اچي ٿي سهڙي.)

صوبيدار- خبردار! (خداداد خان وائڙو ٿي ۽ پوليس کيس گرفتار ٿي ڪري.)

زينب- (ٻوڙي پيئي ڪي چنبڙي) اَبا......

رمضان- (پاڪر وجهي) ٿيءُ.........

(پردو ڪري ٿو.)

تمت!

INQLAB
Printing Press
19 SJB 49
SINDHUNAGAR 3.